# سدا حيات

مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو
ٽاڳڙائي

www.ripri.pk

dr.mustafakalhoro@gmail.com

# ٻه اکر

محترم مصنف جنهن ڪاوش ڪان ڪم ورتي هي ننڍڙو ڪتاب ”سدا حيات“ تحرير ڪيو آهي. سندس محنت جو اندازو مطالعي بعد معلوم ٿيو، ڪيس ان لاءِ صد آفرين هجي. ان ننڍيءَ عمر هوندي سندس فن اسلاميءَ سان دلچسپي ان جي آئيندار آهي.
هي ڪتاب پڙهندڙن لاءِ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. هن ۾ جيڪي قول الاهي ۽ فرمان رسول پيش ڪيو ويو آهي. ان جو اندازو بلڪل پرڪشش ۽ وڻندڙ آهي.

آئون اميد ڪريان ٿو ته انهيءَ ڪاوش سان ڪم ڪيو ويو ته اهو وقت پري نه آهي جو فن اسلاميءَ جي خدمت جو بار ڪٽڻ ڪيس سولو ٿئي ۽ عربي ڪتاب جو نچوڙ سنڌيءَ ۾ پيش ڪري سنڌ جي رهواسين تي عظيم احسان ڪري سرخرو ٿئي.

آخر ۾ مان هن ڪتاب جي مصنف ”خادم العلم مصطفيٰ حسين“ کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. جنهن ننڍڙيءَ عمر ۾ اسلام جي گران قدر خدمت پيش ڪئي آهي.

ناچيز
حسين بخش مري بلوچ
H.S.T گورنمينٽ مراد هاءِ اسڪول
گمبٽ

# سندي طرفان

الدال علي الخير كفا عليہ (حديث)
ترجمو: **نيڪيءَ ڏانهن سڏيندڙ بہ نيڪي ڪندڙ جهڙو آهي.**

انسان جي حياتيءَ جو مقصد صرف الله رب العزت جي عبادت ۽ ذڪر آهي، مسلمان تہ هيڪاري وڏيڪ عبادات ۽ اذڪار لاءِ مخصوص ٿيل آهي، هن مختصر زندگيءَ ۾ هن کي آئنده جي اٽڪٽ زندگيءَ لاءِ تياري ڪرڻي آهي.

الدنيا مزرعتہ الآخر(حديث پاڪ)
ترجمو: دنيا آخرت جي ڪيتي آهي.

مان ننڍڙي ڪتاب ۾ احڪام الاهي ۽ فرامين حضور اقدسﷺ گڏ ڪري پنهنجي مسلمان ڀائرن آڏو پيش ڪريان ٿو تہ جيئن ان تي عمل ڪري آئينده زندگيءَ کي سينگارين ۽ دنيوي زندگي سنوارين.

مان هن ڪتاب جو نالو "سدا حيات" منتخب ڪيو آهي. منهنجي نظر ۾ تہ هي نسخو مومنن جي دلين لاءِ راحت روح لاءِ چين ۽ سڪون ۽ حيات جاودان جي شاداب ۽ سرسبز باغ لاءِ پاڻي آهي، اميد آهي تہ هي ٻيو تحفو قبول پوندو.

آخر ۾ رب پاڪ کان دعا آهي تہ مان عاجز ٻانهي جي هڪ حقير محنت قبول فرمائي ۽ علم ۽ اخلاق جي بلنديءَ تي پهچائڻ جو شرف عطا فرمائي ۽ منهنجون غلطيون معاف فرمائي.آمين

خادم العلم
مصطفيٰ حسين
ابن
محمد منل ڪلهوڙو
ٽاڳڙو

# احکام خدا تعالیٰ

(1) مان اهو خدا آهيان جنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي عبادت جي لائق نہ آهي، جنهن منهنجي قضا کي تسليم ڪيو. منهنجي بلا تي صبر ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا ڪيو. ان کي مان پاڻ وٽ صديق لکان ٿو. جنهن منهنجي قضا کي تسليم نہ ڪيو، بلا تي صبر نہ ڪيو ۽ منهنجي نعمتن جو شڪر ادا نہ ڪيو تہ انهيءَ کي گهرجي تہ مون ڪانسواءِ ٻي ڪنهن جي رب جي تلاش ڪري.

(2) دوزخ جي عذاب کان ڊڄندا رهو جو نافرمانن ۽ منڪرن لاءِ تيار ڪيل آهي، الله تعاليٰ ۽ ان جي رسولﷺ جا حڪم بجا آڻيو، عجب نہ آهي جو توهان تي رحم ڪيو وڃي.

(3) مسلمانو! توهان اسان جي يادگيريءَ ۾ لڳا رهو، جيئن اسان وٽ بہ توهان جو ذڪر خير هلندو رهي ۽ اسان جو شڪر ڪندا ۽ ناشڪري نہ ڪريو.

(4) جن ماڻهن اسان جي راهہ ۾ ڪوشش ڪئي، انهن کي اسان پنهنجا رستا ضرور ڏيکاريندا سين، يعني پنهنجي رستن تي يقيناً آڻيندا سين.

(5) جنهن شخص کي قرآن شريف جي مشغوليءَ ڪري، ذڪر ۽ دعا گهرڻ جي فرصت نہ ٿي ملي انهيءَ کي سيني دعا گهرڻ وارن کان زياده عطا ڪريان ٿو.

(6) الله تعاليٰ جيڪڏهن توهان کي ڪنهن قسم جي تڪليف پهچائڻ چاهي تہ ان ڪانسواءِ ڪوبہ انهيءَ تڪليف کي دور ڪرڻ وارو نہ آهي. پر جي توهان کي ڪنهن قسم جو فائدو پهچائي تہ هو هر چيز تي قادر آهي.

(7) شايد توهان ڪنهن چيز کي برو خيال ڪريو حالانڪ اها توهان لاءِ سٺي هجي، شايد محبت ڪريو، ڪنهن چيز سان جا توهان لاءِ نقصانڪار هجي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو.

(8) حقيقت ۾ اهي اکيون انڌيون نہ آهن پر اهي دليون جي سيني ۾ آهن انڌيون آهن.

(9) ماڻهن سان بي رخي نہ ڪر ۽ زمين تي آڪڙ ڪري نہ هل، جو الله تعاليٰ آڪڙجي هلڻ واري وڏائي ور کي پسند نہ ڪندو آهي.

(10) چا! توهان جو خيال آهي تہ توهان بي فائدي پيدا ڪيا ويا آهيو ۽ توهان اسان جي طرف موٽايا نہ ويندئو؟

(11) دين ۾ ڪائي زبردستي نہ آهي.

(12) جو شخص الله تعاليٰ کان ڊڄي ٿو ۽ الله تعاليٰ ان جي واسطي ڪوئي رستو ڇوٽڪار جو ناهي ٿو ۽ ان کي اهڙي جاءِ تان رزق پهچائي ٿو جا انهيءَ جي خواب ۽ خيال ۾ بہ نہ هئي.

(13) الله تعاليٰ کان تہ اهي ئي بندا ڊڄندا آهن، جيڪي الله تعاليٰ جي نشانن جو علم رکندڙ آهن.

(14) جڏهن شاهدن کي شاهدي ڏيڻ واسطي طلب ڪيو وڃي حاضر ٿيڻ کان انڪار نہ ڪن.

(15) اسان اوهان تي انهيءَ ڪري ڪتاب نازل ڪيو آهي اوهان انهن کي اُهي مسئلا جن ۾ هو اختلاف ڪندا هئا، کولي سمجهايو، هي ڪتاب ايماندارن لاءِ سراسر هدايت ۽ رحمت آهي.

(16) تون نصيحت ۽ حڪمت سان ماڻهن کي خدا تعاليٰ جي طرف سڏ ۽ انهن سان اهڙين تدبيرن سان گفتگو ۽ بحث ڪر جنهن ۾ خوبي پريل هجي.

(17) جيستائين توهان خدا تعاليٰ جي راهہ ۾ پنهنجي عزيز ۽ پياري چيز قربان نہ ڪندؤ تيستائين ڪمال نيڪيءَ جي درجي کي هرگز نہ پهچي سگهندؤ ۽ جيڪا بہ شيءِ خرچ ڪريو ٿا الله تعاليٰ انهيءَ کي خوب ڄاڻي ٿو.

(18) الله تعاليٰ جي راهہ ۾ خرچ ڪريو ۽ پنهنجي هٿن سان پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو.

(19) جا چيز رسول ﷺ توهان ڏانهن آندي آهي انهي کي وٺو ۽ جنهن کان منع ڪري ٿو، تنهن کان باز اچو.

(20) ظالمن تي خدا جي لعنت آهي، جو الله تعاليٰ جي رستي کان ماڻهن کي روڪن ٿا ۽ انهن جي دلين ۾ شڪ ۽ سبهو وجهي ڏنگائي پيدا ڪرڻ چاهين ٿا.

(21) اي نبيﷺ اسان اوهان ڏانهن اهڙيون آيتون موڪليون آهن جن جو مطلب صاف ۽ کليل آهي ۽ انهن کان اهي ئي انڪار ڪن ٿا، جيڪي نافرمان آهن.

(22) الله تعاليٰ توبهه ته قبول ڪري ئي ٿو مگر انهن جي (قبول ڪري ٿو) جيڪي ناداني ۽ ڪان ڪا بري حرڪت ڪري ويهن ۽ جلد ئي توبهه ڪن ٿا ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ (دين و دنيا جي محتبن) ڪان حڪمت وارو آهي.

(23) الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي توبهه قبول نٿو ڪري جيڪي ساري عمر ته برا ڪم ڪندا رهن ٿا ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪنهن کي موت سامهون اچي وڃي ٿو ته چوڻ لڳي ٿو ته هاڻي توبهه ڪريان ٿو. اهڙي طرح انهن ماڻهن جي به توبهه قبول نه آهي جن کي ڪفر جي حالت ۾ موت اچي ٿو. اهي ئي ماڻهو آهن، جن لاءِ اسان دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

(24) اي آدم جي اولاد منهنجي طرف کان توکي نيڪيل ملي ۽ تنهنجي طرف کان بدي.

(25) اي ايمان وارؤ! متان توهان انهن ماڻهن وانگر وجو جن تي توهان کان اڳ ڪتاب نازل ٿيو ۽ گهڻي مدت بعد جن تي توهان کان اڳ ڪتاب نازل ٿيو ۽ گهڻي مدد بعد انهن جون بدليون سخت ٿي ويون ۽ هو انهيءَ ڪتاب کي وساري ويندا.

(26) جڏهن مون سان محبت ڪندا رهيؤ، مان به توهان سان محبت ڪندو رهيم، جڏهن توهان منهنجي نافرماني ڪئي، مان توهان کي دشمن سمجهيم.

(27) ڪائي به امت اهڙي نه گذري جو انهيءَ ۾ ڪوئي ڊيڄارڻ وارو نه گذريو هجي.

(28) خبردار! نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪيل پئسن کي احسان ياد ڏياري ڏک ڏيندڙ الفاظ چئي نه وڃايو.

(29) جو الله تعاليٰ کان ڊڄندو رهندو، الله تعاليٰ انهيءَ جا سيئي ڪم آسان ڪندو ۽ جيڪو الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪندو الله تعاليٰ انهيءَ واسطي ڪافي آهي.

(30) گمراهن ڪانسواءِ اهڙو ڪير آهي، جو پنهنجي پروردگار جي رحمت کان نااميد هجي.

(31) اي نوح عہ! تنهنجو پٽ تنهنجي اهل و عيال گهر وارن ۾ داخل نہ آهي، بيشڪ ان جا عمل سٺا نہ آهن سو جنهن جو توکي علم نہ آهي، تنهن متعلق اسان کان نہ پڇ. بيشڪ اسان توکي نصيحت ٿا ڪريون تہ متان جاهلن مان نہ ٿي پوين.

(32) اي پيغمبرعہ! انهن ماڻهن کي چئو تہ جيڪڏهن انسان ۽ جن هن ڳالهہ تي سڀ ڪٺا ٿي وڃن تہ اهڙو قرآن ٺاهي آڻين تہ بہ اهڙو قرآن نہ آڻي سگهندا توڙي انهن مان هڪڙا ٻين جا مددگار بہ ٿيو وڃن.

(33) مون حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان قرآن شريف پڙهي ڪري ٻڌايان. بس جو هدايت حاصل ڪندو. انهيءَ جو فائدو ڪيس ئي پهچندو ۽ جو گمراهہ ٿيو انهيءَ جو نقصان بہ ان کي ئي ڀوڳڻو پوندو. بس اوهان کين چئو تہ مان صرف ڊيڄارڻ وارو آهيان.

(34) اي نبيﷺ!انهن کي چئو تہ مان خالص الله تعاليٰ جي عبادت ڪريان ٿو. بس توهان انهيءَ کانسواءِ جنهن جي چاهيو انهي جي عبادت ڪريو.

(35) اسان انسان کي جڏهن ڪا نعمت عطا ڪندا آهيون تہ منهن موڙيندو آهي ۽ (پنهنجو) پاسو ڦيريندو آهي ۽ جڏهن ان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ نااميد ٿي ويندو آهي.

(36) هيءَ ڳالهہ حقيقت آهي تہ ظالمن کي ڪڏهن بہ ڇوٽڪارو نصيب نہ ٿيندو.

(37) ڪوبہ شخص جيڪڏهن سڌي رستي تي هليو پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ هليو ۽ جو ڇٽڪيو تہ انهيءَ جو نقصان بہ انهيءَ کي ئي ڀوڳڻو پوندو. ڪوئي ڪنهن جي گناهہ جو بارنہ کڻندو جيستائين اسان رسول موڪلي حجت پوري ڪندا آهيون، تيستائين (ڪنهن کي بہ) ڪنهن گناهہ جي سزا ڪونہ ڏيندا آهيون.

(38) اي پيغمبرﷺ ! ائين خيال نہ ڪريو تہ الله تعاليٰ انهن ظالمن جي عمل کان بي خبر آهي ۽ هو جي انهن تي جلد ئي قهر نازل نہ ٿو ڪري، انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي رڳو ان ڏينهن تائين ڍر ڏئي ٿو، جنهن ڏينهن انهن جون اکيون ٽڙي پونديون. (ڪليون جو ڪليون رهجي وينديون.)

(39) اسان ڪنهن بہ شخص تي سندس طاقت کان وڌيڪ بار نٿا وجهون، جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ تي ايمان رکو ٿا تہ شرط ايمانداريءَ جو هيءَ آهي تہ ان تي ڀروسو رکو.

(40) جيڪو اسان جي ناراضگي، ماڻهن جي رضامندي جي مقابلي ۾ خريد ڪندو آهي. اسان انهيءَ کي انهن جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون.

(41) مال ۽ اولاد دنيا جي چند روز زندگيءَ جي رونق آهي ۽ جيڪي نيڪ عمل باقي رهڻ وارا آهن، اهي توهان جي رب جي نزديڪ ثواب جي اعتبار کان بهتر آهن ۽ آئينده بہ اميد جي اعتبار کان بہ بهتر آهن.

(42) توهان هر مٿاهينءَ جاءِ تي بي ضرورت يادگارون ۽ نهايت وڏي ڪاريگريءَ سان محل ٺهرايو ٿا، ڇا! توهان هميشہ دنيا ۾ ئي رهڻ وارا آهيو.؟

(43) ماڻهن، الله تعاليٰ جو قدر جيترو سڃاڻڻ گهريو هو، سڃاتو ئي ڪين، بيشڪ الله تعاليٰ وڏو زبردست سڀ تي غالب آهي.

(44) اي پيغمبرﷺ! ماڻهن کي چئو تہ منهنجو پروردگار جنهن کي چاهيندو آهي رزق ڪشادو آهي ۽ جنهن جو چاهيندو آهي تنگ ڪندو آهي پر اڪثر ماڻهو تقسيم رزق (جي مصلحتن) کان ناواقف آهن.

(45) جو شخص الله تعاليٰ جي واسطي محبت ڪري ٿو، اهو پنهنجي ئي بهتريءَ لاءِ ڪري ٿو. تحقيق الله تعاليٰ دنيا (جهان) جي سڀني ماڻهن کان بي نياز آهي.

(46) هر شخص پنهنجي عمل جي بدلي ۾ گروي آهي.

(47) اي مسلمانو! اسان جيڪو مال توهان کي ڏئي ڇڏيو آهي، تنهن منجهان الله تعاليٰ جي راهہ ۾ بہ ڪجهہ خرچ ڪندا رهيو پر انهيءَ ڏينهن کان اڳ ۾ جو وهان مان ڪنهن تي موت اچي سر تي بيهي ۽ ان وقت (هو حسرت طور) چوڻ لڳي تہ منهنجو پروردگار جيڪر مون کي ٿورڙي مهلت ڏئي جو مان خيرت ڪري وٺان ۽ نيڪ بندن مان (مان) بہ شامل ٿي وڃان.

(48) توهان کي جڏهن سلام جي ذريعي دعا ڏني وڃي ته توهان انهيءَ کان بهتر دعا ڏيندا ڪريو يا گهٽ ۾ گهٽ ساڳيو ئي دعا جو ڪلمو چوندا ڪريو. بيشڪ الله تعاليٰ ته هر هڪ چيز جو حساب ڪرڻ وارو آهي.

(49) جو شخص هدايت جي راهه تي هلندو ته انهيءَ دنيا ۾ ڪوئي خوف آهي نه وري وري آخرت ۾ غمگين هوندو.

(50) انسانو! پنهنجي پاڪيزگيءَ کي گهٽو نه پڌائيندو ڪريو، پرهيزگارن کي اهو ئي ڄاڻي ٿو.

(51) ايمان آڻڻ کان بعد بداخلاقي بري آهي ۽ جيڪي انهن حرڪتن کان باز نه ايندا سي ئي الله تعاليٰ جي نزديڪ ظالم آهن.

(52) دنيا جي زندگي ته صرف راند ۽ تماشو آهي، جيڪڏهن الله تعاليٰ تي ايمان رکندؤ ۽ پرهيزگاري ڪندا رهندؤ ته هو توهان کي انهيءَ جو اجر عنايت ڪندو ۽ پنهنجي لاءِ توهان جي مال منجهان ڪجهه طلب نه ڪندو.

(53) مشرڪن مان جيڪڏهن ڪوئي پناهه گهري ته ان کي پناهه ڏيو. ايستائين جو هو الله تعاليٰ جو ڪلام ٻڌي وٺي ۽ پوءِ انهي کي امن جي جاءِ تي پهچايو. هيءَ انهيءَ ڪري آهي جو بي علم قوم آهي.

(54) تحقيق جن ماڻهن نااتفاقي ڪئي ۽ فرقا فرقا ٿي ويا، انهن جي باري ۾ اوهان کي ڪوبه اختيار نه آهي. انهن جو معاملو الله تعاليٰ جي حضور ۾ پيش آهي ۽ هو انهن کي سندن اعمالن جي خبر ڏيندو.

(55) ڪڏهن به انسان کي دل جي مرضيءَ مطابق مراد نه ملي آهي. سو دنيا ۽ آخرت سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جي ئي اختيار ۾ آهي.

(56) ڇا انهيءَ سبب ڪري جو توهان حد کان لنگهندڙ قوم آهيو (تنهن ڪري) اسان (توهان جي اصلاح کان بي تعلق ٿي) نصيحت ڪندڙ ڪتاب کي توهان کان روڪينداسين؟

(57) ڇا! نيڪي جو بدلو سواءِ نيڪيءَ جي ٻيو ڪجهه ٿي سگهندو آهي؟

(58) جهان جو مال ۽ متاع مينهن جي پاڻي وانگر آهي. جيڪڏهن ضرورت مواقف وسي ته نفي وارو ۽ جي زياده وسي ته بربادي جو ڪارڻ بڻجي ٿو. اهڙيءَ طرح مال به ضرورت آهر فائديمند ۽ ضرورت کان وڌيڪ گناهن ۾ گرفتاري جو باعث آهي.

(59) اي پيغمبرﷺ! انهن ماڻهن کي چئو ته توهان به پنهنجي جاءِ تي عمل ڪندا رهو ۽ مان به عمل ڪندو رهان ٿو. پوءِ جلد ئي توهان کي معلوم ٿي ويندو ته ڪنهن تي اهڙو عذاب اچي ٿو جو ان کي (دنيا ۾ به) خوار ڪندو ۽ (آخرت ۾ به) انهيءَ جي مٿان هميشه جو عذاب لهندو.

(60) جو شخص مرد هجي ي اعورت ۽ ايمان رکندڙ هجي، نيڪ عمل ڪندو ته اسان دنيا ۾ انهيءَ جي زندگي چڱي طرح بسر ڪرائينداسين ۽ آخرت ۾ به انهيءَ کي سندس نيڪ عملن جو انعام ضرور عطا ڪنداين.

(61) مئلن کي زنده ڪرڻ انهيءَ ڪري ضروري آهي ته جن چيزن ۾ هو دنيا ۾ اختلاف ڪندا رهيا آهن، تن اڳيان الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن اصلي حقيقت کي ظاهر ڪري جيئن ڪافرسمجهن ته اهي ئي غلطيءَ تي هئا.

(62) ڀا ماڻهن ائين سمجهي رکيو آهي ته صرف زبان سان ايتري چوڻ تي ڇٽي ويندا ته اسان "ايمان آندو" ۽ کين آزمايو نه ويندو.

(63) البته اسان ڪنهن شيءِ سان توهان کي آزمائينداسين،خوف کان، بک جي تڪليف سان، مال ۽ جان جي نقصان سان، پيداوار (ڦلن) جي گهٽتائي سان پوءِ توهان اهڙن صبر ڪندڙن کي خوشخبري (فتح ۽ ڪاميابي جي) ٻڌايو، جن جي هيءَ عادت آهي ته انهن تي جهن ڪا مصيبت پهچندي آهي ته (بيقرار ٿيڻ بدران) چوندا آهن ته اسان (مال ۽ اولاد سان حقيقت ۾) الله تعاليٰ جي ئي ملڪ آهيون ۽ ان ڏانهن سڀ وڃڻ وارا آهيون.

(64) مصيبت کي برداشت ڪرڻ واسطي صبر ۽ نماز (جي قوتن) جو سهارو وٺو.

(65) جتي اسان رحم ڪندا آهيو، بدلو به وٺي سگهندا آهيون.

(66) البته نماز ڏکي آهي راحط طلب طبيعت) مگر انهن مٺهن لاءِ نه (جن جي جي دل الله تعاليٰ جي حضور ۾ جهڪيل آهي، ان جي عاجزي ڪندڙ آهن ۽ اهي خيال درپيش رکن ٿا ته آخر پنهنجي رب سان ئي ملڻ وارا آهن ۽ انهيءَ جي طرف ئي موٽڻ وارا آهن.

(67) اي انسانو! ڪٿي به ڪٽي هجو موت توهان کي اتي اچي پڪڙيندو توڙي توهان مضبوط قلعن ۾ ڪٽي ئي (محفوظ چو) نه هجو.

(68) اهو شخص خليفو آهي، الله تعاليٰ جو ڪتاب آهي، الله تعاليٰ جو ۽ رسول آهي الله تعاليٰ جو، جيڪو نيڪ ڪم جي طرف جو حڪم ڪري ٿو ۽ برائيءَ کان روڪي ٿو.

(69) اي نبيﷺ! اوهان انهن کي چئو ته نفعو ۽ نقصان سڀ الله تعاليٰ جي طرف کان آهي.

(70) الله تعاليٰ مومنن کان نفس ۽ مال جنت جي عيوض ۾ خريد ڪيا آهن.

(71) جو شخص نيڪ ڳالهه جي سفارش ڪندو، قيامت جي ڏينهن انهيءَ جي ڪم جي اجر ۾ ان کي به حصو ملندو ۽ جو خراب ڳالهه واسطي سفارش ڪندو، ان جي وبال ۾ اهو به شريڪ هوندو ۽ الله تعاليٰ هر چيز تي نگهبان آهي.

(72) مسلمانو! اسلام ۾ مڪمل طرح داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي نقش قدم تي نه هلوجو توهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

(73) ۽ جيڪڏهن اوهان جي تڪذيب ڪن ته انهن کي چئو ته منهنجو عمل منهنجي لاءِ آهي ۽ توهان جو عمل توهان لاءِ، جيڪي مان ڪريان ٿو انهيءَ کان توهان ڇٽل آهيو ۽ جيڪي توهان ڪريو تنهن کان مان بري آهيان. ڪي انبهن مان اهڙا آهن جو ظاهر ۾ اوهان جي ڳالهه ڪن ٿا . ڇا اوهان ٻوڙن کي ٻڌائي سگهو ٿا ته توڙي انهن کي ڪجهه به عقل نه هجي؟ ڪي انهن مان اهڙا آهن جو اوهان جي طرف ڏسن ٿا ڇا اوهان انڌن کي راهه ڏيکاري سگهو ٿا توڙي اهي نظر (دل جي) نه رکندا هجن؟ تحقيق الله تعاليٰ ماڻهن تي ڪجهه به ظلم نه ڪندو آهي پر ماڻهو خود پنهنجي جانين تي ظلم ڪندا آهن.

(74) جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ جي مدد ڪندؤ ته هو وهان جي مدد ڪندو، جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان جي مدد ڪري ته توهان تي ڪوئي غالب نه ٿيندو.

(75) جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو مان انهيءَ جو ساٿي (مجلسي) آهيان.

(76) مان انهن وٽ آهيان، جيڪي ٽٽل دل وارا آهن.

(77) نافرمانيون ڪرڻ ۽ بخشش جي اميد رکڻ شيطان جو فريب آهي.

(78) سواءِ نرميءَ سان جواب ڏيڻ ۽ ان جي بار بار اصرار ڪي درگذر ڪرڻ، انهيءَ خيرات ڪان زياده بهتر آهي، جنهن جي ڏيڻ پنيان سواليءَ ڪي ڪجهه قسم جو ايذاءُ ورسي ۽ الله تعاليٰ بي نياز ۽ بردبار آهي.

(79) قرآن ڪان اڳ ۾ اي پيغمبرﷺ نه اوهان ڪنهن ڪتاب مان پڙهي ٻڌائي سگهو پيا ۽ نه پنهنجي هٿ سان ڪجهه لکي سگهو پيا. جيڪڏهن ائين هجي ها ته البته باطل پرست شڪ ڪن ها پر هي ته ڪليل آيتون آهن جيڪي انهن ماڻهن جي سيني ۾ آهن، جن ڪي علم ڏنو ويو آهي ۽ اسان جي آيتن ڪان صرف گنهگار ئي انڪار ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته چو جو خدا جي طرف ڪان خاص نشانيون نه لٿيون آهن، اوهان انهن ڪي چئو ته نشانيون ته الله تعاليٰ جي ئي قبضي ۾ آهن، مان ته واضح طور تي ڊيڄارڻ وارو آهيان، ڇا انهن جي لاءِ هي نشان ئي ڪافي نه آهن ته اسان اوهان تي معجزي وارو ڪتاب لاٿو جو انهن ڪي پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو جنهن ۾ ايمان وارن لاءِ رحمت ۽ نصيحت آهي.

(80) اي محمدﷺ! اوهان چئو ته الله تعاليٰ ڪان علاوه جن ڪي توهان پڪاريو ٿا، اهي توهان جي مصيبت هٽائڻ ۽ بدلائڻ جو ڪجهه اختيار نٿا رکن. ڇا توهان انهن نالن واسطي مون سان جهڳڙو ڪيو ٿا، جن ڪي توهان ۽ توهان جي وڏن گهڙيو آهي، الله تعاليٰ انهن جي حق ۾ ڪا سند نازل نه ڪئي آهي.

(81) جيڪڏهن توهان گهڻن ماڻهن جي اطاعت ڪئي، جيڪي زمين ۾ رهن ٿا ته اهي توهان ڪي الله تعاليٰ جي رستي ڪان ڀٽڪائي ڇڏيندا.

(82) مسلمانو جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارا تي وجو تہ الله تعاليٰ (ساري دنيا ۾) امتازي مرتبو (حق کي باطل کان جدا ڪندڙ طاقت) عنايت ڪندو ۽ توهان جون سڀ برايون دور ڪندو ۽ توهان کي پنهنجي فضل سان بخشيندو، توهان ان جي اڳيان پوءِ چو نٽا جهکو؟ (بيشڪ الله تعاليٰ تہ وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي.)

(83) ۽ موت جي بيهوشي ضرور ئي اچي ويندي.(انهيءَ وقت) ڪيس چيو ويندو هيءَ آهي اها (حالت) جنهن کان تون پاسو ڪندو هئين.

(84) معاف ڪرڻ جي عبادت ڪر ۽ چڱي ڪم جو حڪم ڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ ۽ جيڪڏهن شيطان جي طرفان ڪو وسوسو توکي پڙڪائي تہ الله تعاليٰ کان پناهہ گهر. بيشڪ هو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ جيڪي پرهيزگار آهن تن کي جڏهن ڪو شيطاني خيال ٿيندو آهي تہ (الله تعاليٰ کي) ياد ڪندا آهن پوءِ انهيءَ وقت سندن اکيون کلي پونديون آهن.

(85) جڏهن (قرآن) پڙهيو وڃي تہ ان کي ڪن لائي ٻڌو ۽ چپ ڪريو، من اوهان تي رحم ڪيو وڃي.

(86) آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ، ماڻهن جي پيدا ڪرڻ کان تمام وڏو ڪم آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن.

(87) اي ايمان وارؤ! اهڙي ڳالهہ چو نہ چوندا آهيو جا خود نہ ڪندا آهيو. الله تعاليٰ جي نزديڪ وڏي ڪاوڙ جي ڳالهہ آهي. سا ڳالهہ چوڻ جا توهان نہ ڪندا آهيو.

(88) اي ايمان وارؤ! ڇا مان توهان کي اهڙي سوداگريءَ جي خبر ڏيان جا توهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي؟ الله تعاليٰ ۽ سندس رسولﷺ تي ايمان آڻيو ۽ الله تعاليٰ جي رستي ۾ پنهنجن مالن ۽ جانين سان جنگ ڪريو. اهو توهان لاءِ تمام چڱو آهي. جيڪڏهن توهان ڄاڻو.

(89) بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي ناهن ۽ رات ڏينهن جي ڦيرگهير ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي الله تعاليٰ کي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن پر ياد ڪندا آهن ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۾ فڪرڪندا آهن ۽ (چوندا آهن) اي اسان جا پاليندڙ!

تو هي بي فائدي پيدا نہ ڪيو آهي تون پاڪ آهين پوءِ اسان کي باھ جي عذاب کان بچاءِ.

(90) ايمان وارؤ الله تعاليٰ ۽ رسولﷺ جي خيانت نہ ڪريو ۽ ڄاڻي واڻي پاڻ ۾ هڪٻئي جي امانتن جي خيانت نہ ڪريو، توهان کي معلوم هيج تہ وهان جا مال ۽ اولاد رڳو امتحان آهن ۽ الله تعاليٰ وٽ وڏو اَجرُ آهي.

(91) اي پيغمبرﷺ ! (منهنجي طرفان) انهن کي چئو تہ اي منهنجا پاڻ تي زيادتي ڪندڙ ٻانهؤ! الله تعاليٰ جي مهربانيءَ کان نااميد نہ ٿيو بيشڪ الله تعاليٰ سڀ گناھ معاف ڪندو آهي. بيشڪ اهو ئي معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.

(92) جيڪو آخرت جي کيتي گهري ٿو ان لاءِ سندس کيتيءَ ۾ واڌارو ڪريون ٿا ۽ جيڪو دنيا جي کيتي گهري ٿو تنهن کي انهيءَ مان ڪجھ ڏيو ۽ ان لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو نہ آهي.

(93) اي ايمان وارائو! صبر ڪريو، صبر جي ٻين کي ترغيب ڏيو، هڪٻئي سان ڳنڍيا رهو ۽ (هر حال ۾) الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهيو تہ اوهين وري طرح ڪامياب ٿيو.

(94) مسلمانو! جڏهن توهان معياد مقرر تائين قرض ڏي وٺ ڪريو تہ ان کي لکي ڇڏيندا ڪريو ۽ جي توهان کي لکڻ نہ ايندا هجي تہ ٻيو ڪوئي لکڻ وارو توهان جي درميان جيڪو اقرار نامو ٿيل هجي، انصاف سان لکي، لکڻ واري کي گهرجي تہ لکڻ کان انڪار نہ ڪري. جهڙي طرح خدا تعاليٰ ان کي لکڻ پڙهڻ سيکاريو آهي، تهڙيءَ طرح ان کي بہ گهرجي تہ هو بنا ڪنهن عذر جي لکي.

(95) مسلمانو! خدا تعاليٰ جي راھ ۾ سنين چيزن مان خرچ ڪريو، جيڪي چيزون توهان خود تجارت وغيره ۾ ڪمايون هجن يا اسان توهان جي لاءِ پيدا ڪيون هجن ائين نہ ٿئي جو خراب چيزون خدا جي راھ ۾ ڏيڻ لڳو، جو جيڪر توهان کي ڏنيون وڃن تہ ڪڏهن بہ دل جي خوشيءَ سان نہ وٺو، تنهن ڪري اهڙين گندين چيزن جي ڏيڻ جو ارادو نہ ڪريو، البتہ ڏسي وائسي بہ چشم پوشي ڪريو تہ ٻي ڳالھ آهي ۽ سمجهي ڇڏيو تہ الله تعاليٰ بي نياز ۽ بي پرواھ آهي.

(96) مومن اهڙا نيڪ دل ٿيند آهن، جو انهن کان جڏهن برو يا ڪا مناسب ڳالهه، انساني حيثيت ۾ سرزد ٿي ويندو آهي، جنهن ۾ ديني نقصان ٿي ويندو هجي. هڪدم الله تعاليٰ کي ياد ڪري پنهنجي گناهن جي معاف گهرندا آهن، جيئن ته الله تعاليٰ کانسواءِ ٻانهن جا گناهه بخشڻ وارو ٻيو ڪو ئي به نه آهي، تنهن ڪري جيڪا نازياب ڳالهه ڪري ويهندا آهن سا ڄاڻي واڻي ٻيهر ڪيڪن ڪندا.

(97) هن قرآن شريف جو مقصد ماڻهن کي سمجهائڻ آهي ته پوءِ هدايت ۽ نصيحت اهي ئي ونن ٿا جن جي دل ۾ خدا جو خوف آهي.

(98) ماڻهن کي دنيا جي پسند ڪيل چيزن يعني زال، پٽن، سون ۽ چاندي جي وڏن ڍڳن، عمدن گهوڙن، چوپائي مالن سان محبت رکڻ پلي معلوم ٿئي ٿي ته حالانڪ هي ته دنيا جي چند ڏينهن جو فائدو آهي ۽ هميشگيءَ جو سهڻو نڪاڻو ته الله تعاليٰ جي طرف آهي.

(99) نماز قائم ڪر، ماڻهن کي چڱن ڪمن جي نصيحت ڪر، برن ڪمن کان منع ڪر ۽ توتي ڪا مصيبت پوي، تنهن تي صبر ڪر، بيشڪ هي (ڪم) وڏي همت جي ڪمن مان آهي.

(100) سچ کي ڪوڙ سان نه ملايو، ڄاڻي واڻي سچي ڳالهه کي نه لڪايو، جنهن جي اوهان کي خبر هجي.

(101) نعمت جو ملڻ آزمائشي آهي، توهان شڪر ڪريو ٿا يا شڪري.

(102) پاڻ ۾ هڪٻئي جو مال ناروا نه ڊپايو ۽ نه حاڪمن کي رشوت ڏئي ماڻهن جي مال منجهان ڪجهه هٿ ڪري ناحق هضم ڪريو.

(103) غصي وقت، پنهنجي قصور وارڪان بدلو ونڻ کان اڳ ۾ هيءَ خيال ضرور ڪندو ڪر ته تون پنهنجي رب وٽ ان قصوروار جي مقابلي ۾ زياده قصوروار آهين يا گهٽ پوءِ جو معاملو پنهنجي رب جي طرف کان پنهنجي لاءِ پسند ڪرين يا (سزا يا معافي) سوئي فيصلو ان واسطي تجويز ڪر. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ انصاف ڪرڻ وارن کي ئي دوست رکندو آهي.

(104) اي انسانو! هينئر بہ اسان ئي اوهان کي پيدا ڪيو آهي پوءِ قيامت جي ڏانهن ٻيهر پيدا ڪرڻ جو نتا سچ سمجهو؟ اسان قرآن شريف کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو آهي، پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟

(105) ماڻهن مان ڪي اهڙا بہ ٿيندا آهن، جو الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا تہ آهن پر آسيري پاسيري (وٽ تي) جيڪڏهن ڪين نفعو پهچايو ويو تہ راضي ٿي ويندا آهن، پر جيڪڏهن انهن تي ڪا مصيبت آئي تہ منهن ڀر (پوئين پر) موٽي ويندا آهن. انهن دنيا بہ وڃائي ۽ آخرت بہ اهو ئي ظاهر ظهور خسارو آهي.

(106) جيڪو، الله تعاليٰ ڪانسواءِ انهن چيزن کي پنهنجي حاجت روائي لاءِ پڪاريندو آهي جيڪي ان کي نقصان ئي پهچائي سگهنديون آهن نہ نفعو. اها ئي وڏي (ڏواهين) گمراهي آهي.

(107) جو شخص الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻين کي پنهنجي حاجت روائي لاءِ پڪاريندو آهي، ان جي نفعي کان نقصان زياده قريب آهي، بنا شڪ جي اهڙو ڪارساز بہ برو آهي ۽ اهڙو رفيق بہ برو آهي.

(108) اسان انهن (ماڻهن) کي عذابن جي تڪليف ۾ مبتلا ڪيو، تڏهن بہ پنهنجي پروردگار اڳيان نہ جهڪيا ۽ نہ انهن ۾ شڪستگي ۽ جائزي پيدا ٿي.

(109) سمنڊ ۾ جڏهن توهان کي ڪنهن قسم جي تڪليف پهچندي آهي تہ انهي وقت جن معبودن کي (هينئر) پڪاريندا آهيو، سي سڀ توهان کان وسري ويندا آهن، پر اُهو ئي خدا ياد رهندو آهي، پوءِ جڏهن الله تعاليٰ توهان کي ٻاهر خشڪي تي بچائي آڻيندو آهي تہ توهان انهيءَ کان منهن ڦيري ويهندا آهيو. (واقعي) انسان وڏو ئي ناشڪر آهي، ڇا پوءِ توهان انهن ڳالهين کان بي فڪر (بي خوف) ٿي ويا آهيو تہ هو (الله تعاليٰ) توهان کي خشڪيءَ جي ڪنهن پاسي ڳهائي ڇڏي يا توهان تي پٿرن جو طوفان موڪلي پوءِ پاڻ ئي ڪو مددگار نہ لهو.؟

(110) زمين تي آڪڙ ڪري نہ هلندو جو آڪڙ ڪري هلڻ سان زمين کي ڦاڙي نہ سگهندين ۽ نہ وري بدن کي تاڻي هلڻ سان جبلن جي ڊگهائي کي پهچي سگهندين.

(111) اي نبيﷺ انهن کي آگاهه ڪريو ته مان ٻين پيغمبرن کان نرالو پيغمبر ته نه آهيان ۽ مون کي خبر نه آهي ته آئنده مون سان ڇا ڪيو ويندو نه وري اها ئي ڄاڻ آهي ته توهان سان ڇا ڪيو ويندو. مون ڏانهن جو الله تعاليٰ جو حڪم وحيءَ رستي اچي ٿو ان جي پيروي ڪران ٿو، مان ته بس صاف طور تي ڊيڄارڻ وارو آهيان.

(112) جيڪڏهن الله تعاليٰ ماڻهن کي سندن ظلم جي سزا ۾ پڪڙ ڪري ته روءِ زمين تي ڪنهن به چرندڙ کي نه ڇڏي پر الله تعاليٰ انهن کي وقت مقرر يعني موت تائين مهلت ڏئي ٿو، پوءِ جڏهن انهن جو اهو وقت اچي ٿو ته ان کان نه هڪ گهڙي پٺتي ٿي سگهن ٿا نه اڳتي وڌي سگهن ٿا.

(113) اي پيغمبر خدا! انهن کي بيهوديون ڳالهيون ۽ کيل تماشو ڪرڻ ڏي، انهيءَ حد تائين جو آخرڪار اهو ڏينهن جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو وڃي ٿو انهن جي مٿان اچي ڪڙڪي.

(114) جنهن شخص الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل حدن کان ٻاهر قدم رکيو ته ان پنهنجو پاڻ تي ظلم ئي ڪيو.

(115) آدمي ڀلائي جي دعا گهرڻ ۾ ته ڪڏهن نه ٿو ٿڪجي ۽ جڏهن ان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته دل شڪستو ۽ بلڪل نااميد ٿي وڃي ٿو، ناشڪري عذاب جي خوشخبري آهي.

(116) ڏوڪي ڏيڻ وارو خود دوکي ۾ هوندو آهي.

(117) جڏهن اسان آدميءَ تي پنهنجو فضل ۽ ڪرم ڪريون ٿا ته هو اسان جي طرف کان منهن ڦيري ڇڏي ٿو ۽ اسان کان ڪناره ڪش ٿي وڃي ٿو ۽ جڏهن ان کي تڪليف پهچي ٿي ته وڏيون وڏيون دعائون گهرن لڳي ٿو.

(118) اي انسانو! اوهان تي جا مصيبت پوي ٿي سا پنهنجي ئي ڪرتوتن کان پوي ٿي. خدا تعاليٰ ته توهان جا گهڻا ئي قصا درگذر ڪرڻ فرمائي ٿو.

(119) اي انسانو! اسان اوهان سڀني کي هڪ مرد (آدم) ۽ هڪ عورت (حوا) مان پيدا ڪيو آهي ۽ توهان جون ذاتيون ۽ برادريون بڻايون سي ته جيئن هڪٻئي کي سڃاڻي سگهيو، نه ته الله تعاليٰ وٽ (توهان مان) اهو ئي عزت وارو آهي جيڪو زياده پرهيزگار آهي، بيشڪ الله تعاليٰ ڄاڻڻ وارو باخبر آهي.

(120) جو دل وارو آهي، يا ڪن ڏئي دل جي شوق سان ٻڌي ٿو ته ان جي واسطي هنن ڳالهين ۾ (قرآن شريف) جي تعليم ۾) ڪافي نصيحت آهي.

(121) جيڪي ماڻهو نڪاح ڪرڻ جي طاقت نٿا رکن ته انهن کي گهرجي ته ضبط ڪن جيستائين الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي فضل سان غني ڪري.

(122) قيامت جو ڏينهن اهو ڏينن هوندو، جنهن ڏينهن اسان آسمان کي ائين ويڙهي ڇڏينداسين جيئن ڪاغذ جو دستاويز ويڙهيو ويندو آهي ۽ جهڙي طرح پهريون دفعو مخلوق کي پيدا ڪيو هوسين تهڙي طرح ٻيو دفعو به پيدا ڪرڻ اسان پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو آهي.

(123) عورت مرد برو فعل (زنا) ڪن ته انهن ٻنهي مان هر هڪ کي سئو درو هڻو. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حڪم جي تعميل ۾ توهان کي انهن جي حال تي ڪنهن جو قسم جو ترس اچڻ نه گهرجي. انهن کي سزا ڏيڻ جي وقت مسلمانن جي هڪ جماعت انهن جي ذلت ۽ بدنامي لاءِ موجود رهي.

(124) مسلمانو! اسان اوهان کي جيڪو حلال رزاق ڏئي ڇڏيو آهي، تنهن کي بنا ڪنهن انديشي جي کائو ۽ جيڪڏهن اوهان الله تعاليٰ جي بندگيءَ جو ئي دم ڀريو ٿا ته ان جو شڪر به ڪريو.

(125) نعمت جي بي قدري ڪرڻ پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪرڻ آهي.

(126) اي نبيﷺ الله تعاليٰ ۽ مسلمان جيڪي اوهان جي مطيع فرمانبدار آهن اوهان لاءِ ڪافي آهن.

(127) جيڪڏهن ڪو تنگدست توهان جو قرضي هجي ان کي ڪشادگيءَ تائين مهلت ڏيو ۽ جيڪڏهن توهان سمجهو ته توهان جي حق ۾ هي زياده بهتر آهي جو ان کي اصل قرض ئي بخشي ڇڏيو.

(128) ڪوئي آهي جو خدا تعاليٰ کي خوش دليءَ سان قرض ڏي، ته خدا تعاليٰ ان جي قرض کي ان واسطي ڪيئي دفعا وڌائي ڇڏيو.

(129) اي انسانو! اوهان خدا تعاليٰ کان ڪيئن انڪار ڪري سگهو ٿا، اوهان بي جان هيوَ، ان اوهان ۾ جان وڌي، پوءِ اهو ئي اوهان کي ماري ٿو ۽ اهو ئي قيامت جي ڏينهن ٻيو دفعو زنده ڪندو پوءِ ان جي طرف موٽايا ويندؤ.

(130) اي نبيﷺ! اوهان کان دريافت ڪن ٿا ته خدا جي راهه ۾ ڪيتري قدر خرچ ڪريون. اوهان انهن کي سمجهايو ته جيترو توهان جي حاجت کان زياده خرچ ڪريو.

(131) مسلمانو! اسان جي ڏنل مال مان ڪجهه اسان جي راهه ۾ به خرچ ڪريو، ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳ ۾ جنهن ۾ نه خريد ۽ فروخت ٿيندي ۽ نه وري ياري، دوستي، سفارش هلندي، جيڪي الله تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ نه ڪري نعمت جي ناشڪري ڪندا آهن، اهي ظالم آهن يعني پنهنجو ئي نقصان ڪندا آهن.

(132) جن به ماڻهن تي ظلم ڪيا آهن، تن کي مرڻ مهل عنقريب معلوم ٿي ويندو ته ڪهڙيءَ جاءِ ڏانهن انهن کي موٽڻو آهي.

(133) رات ۽ ڏينهن جي ڦيرگهير ۾ سمجهه وارن لاءِ وڏي عبرت آهي.

(134) هيءَ زنده ماڻهن جي آبادي نه آهي، پر مردن (مئلن) جي بستي آهي. هو اٿڻ ۽ اٿارڻ جي گهڙيءَ کان بلڪل غافل پيل آهي.

(135) الله تعاليٰ جي نشانن مان ڪائي به اهڙي نشاني نه آئي، جنهن کي ڏسي انهن عبرت حاصل ڪئي هجي ۽ غفلت ۽ سرڪشيءَ کان باز آيا هجن.

(136) اي نبيﷺ !جڏهن اسان جا ٻندا اوهان کان اسان بابت پڇن ته (منهنجي طرفان) کين سمجهايو ته مان ويجهو ئي آهيان (انهن سان ساڻ آهيان) جڏهن ڪوئي اسان کان دعا گهري ٿو ته اسان دعا گهرڻ واري جي دعا ٻڌون ٿا ۽ جي مناسب هجي ٿي ته قبول به ڪريون ٿا ۽ پوءِ انهن کي به گهرجي جيڪڏهن واقعي اسان جي طلب رکن ٿا) ته اسان جا حڪم مڃن ۽ اسان تي ايمان آڻن، جيئن (پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي) سنئين رستي تي لڳي وڃن.

(137) جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ جي راهه ۾ ماريا وڃو، يا ان جي راهه ۾ پنهنجي موت مرو ته الله تعاليٰ جي جيڪا بخشش ۽ مهرباني توهان تي ٿيندي، سا ان مال دولت کان جيڪي ماڻهو چند ڏينهن حياتيءَ جا رهي جمع ڪن ٿا، ڪيئي درجا بهتر آهن. توهان پنهنجي موت مرو يا ماريا وڃو، هر حال ۾ الله تعاليٰ جي طرف گهرايا ويندؤ.

(138) اهو ئي قادر مطلق آهي، جيڪو ماءُ جي پيٽ ۾ جهڙي چاهي ٿو توهان جي صورت ٺاهي ٿو. ان کانسواءِ ٻيو ڪوئي عبادت جي لائق نه آهي. هو زبردست ۽ حڪمت وارو آهي.

(139) الله تعاليٰ جي راهه ۾ جيڪي ماريا وڃن تن کي (معمولي مردن وانگر) مردا نه چئو بلڪ اُهي (هڪ ممتاز حياتي سان) جيئرا آهن، پر توهان (هنن حواسن سان) انهن جي زندي کي نٿا سمجهي سگهو.

(140) جو شخص عزت جو طلبگار هجي ته ان کي گهرجي ته خدا تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪري، ڇاڪاڻ ته عزت ساري خدا تعاليٰ جي بخشش آهي.

(141) متقي اهي ماڻهو آهن، جيڪي خوشحاليءَ ۽ تنگدستيءَ ٻنهي حالتن ۾ خدا تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ ڪاوڙ کي روڪيندا آهن ۽ ماڻهن جي قصورن کي درگذر ڪندا آهن، تحقيق الله تعاليٰ، ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي.

(142) الله تعاليٰ چاهي ٿو ته پيغمبر ۽ صالح جيڪي اوهان کان اڳ ٿي گذريا آهن، انهن جي طريقي کي کولي کولي اوهان ان بيان ڪري ۽ اوهان انهن جي طريقي تي هلائي ۽ اوهان تي بخشش جي نظر رکي، بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو.

(143) چا! انهن ماڻهن، انهن قومن جو حال نہ ہو آهي، جيڪي اڳ گذري چڪيون آهن، مثلاً قوم نوح، عاد، ثمود، قوم ابراهيم، اصحاب مدين ۽ انهن ماڻهن جن جون بستيون اونڌيون ڪيل آهن، انهن سيني وٽ الله تعاليٰ جا رسول آيا ۽ راهہ حق جون نشانيون ڪين ڏيکاريون پر انهن بداعماليءَ جي راهہ اختيار ڪئي، جنهن جي بدلي ۾ مٽايا ويا. سو الله تعاليٰ ڪنهن تي ظلم ڪرڻ وارو نہ آهي، انهن بدبختن خود ئي پنهنجي هلاڪت ۽ بربادي گهري.

(144) چا نٿا ڏسي سگهن تہ ڪئي سال ٻہ اهڙو نہ ٿو گذري جو هڪ يا ٻہ دفعا بلائن ۽ مصيبتن ۾ گرفتار نہ ڪيا ويا هجن پوءِ ٻہ انهن جي غفلت جو هيءُ حال آهي تہ توبهہ ئي ڪن ٿا ۽ نہ وري مصيبتن کان عبرت وٺن ٿا.

(145) پوءِ چا هي ماڻهو آخري فيصلي واري گهڙيءَ جا منتظر آهن. جا اوچتو انهن مٿان اچي ڪڙڪندي، سو جيڪڏهن ان گهڙيءَ جو انتظار آهي تہ ان جون نشانيون تہ اچي چڪيون آهن ۽ جڏهن اها گهڙي اچي ويندي تہ ان وقت انهن لا چا ٿيندو؟

(146) انهن کي دل آهي مگر سوچن نہ ٿا، انهن کي اکيون آهن مگر ڏسن نٿا،انهن وٽ ڪَنَ آهن مگر ٻڌن نٿا هومثل چوپاين جانورن وانگر ٿي چڪا آهن، بلڪ انهن کان بہ بدتر، اهي ئي آهن جيڪي غفلت ۾ غرق ٿي چڪا آهن.

(147) چا هي ماڻهو قرآن شريف جي آيتن تي غور نٿا ڪن يا ائين ٿي ويو آهي جو انهن جي دلين تي ڪلف چڙهي چڪا آهن.

(148) هي الله تعاليٰ جو قانون آهي، جنهن جي مطابق سيني گذريل قومن سان سلوڪ ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي قانون کي توهان ڪڏهن تبديل نہ ڏسندؤ.

(149) جو ڪوئي زور ۽ ظلم سان ڪنهن جو مال دٻائي هڙپ ڪندو تہ اسان ان کي قيامت جي ڏينهن دوزخ جي باهہ ۾ اچلائيندا‌سين ۽ الله تعاليٰ لاءِ هيءُ هڪ آسان ڳالهہ آهي، جن ڪمن جي ڪرڻ کان توهان کي منع ڪئي ٿي وڃي، تن مان جيڪڏهن وڏن گناهن کان بچندا رهندؤ تہ توهان جا ننڍا ننڍا قصور توهان جي اعمال نامن مان ڌاهيندا ويندا‌سين ۽ توهان کي عزت جي جاءِ ۾ جڳهہ ڏيندا‌سين.

(150) ”احڪامِ خدا“ کي ڪل يوڳ نہ سمجهو ۽ خدا تعاليٰ جيڪي احسان توهان تي ڪيا آهن، انهن کي ياد ڪريو. ان جو اهو بہ احسان ياد ڪريو جو ان توهان تي ڪتاب ۽ عقل جون ڳالهيون لاٿيون آهن ۽ (ان کي) منظور هي آهي تہ توهان کي انهن حڪمن جي يا هن ڪتاب جي ذريعي نصيحت ڪري. الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ کان ڊڄندا رهو، جو الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو.

(151) اي محمدﷺ! اوهان اخلاق جي وڏي درجي تي آهيو، خدا جي عنايت سان اوهان ماڻهن سان نرميءَ سان پيش اچو ٿا. جيڪڏهن اوهان ڪَچ خلق ۽ سخت دل هجو ها تہ هي ماڻهو اوهان جي آسپاس کان پري هٽي وڃن ها.

(152) خدا اُهو آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ دين جو حق ڏئي موڪليو تہ جيئن سيني گڏريل دينن تي هن کي غالب ڪري.

(153) توهان جو رب وڏو ڪريم آهي، جنهن قلم جي ذريعي سان علم سيکاريو ۽ انسان کي اهو علم ڏنو، جنهن کي هو نہ ڄاڻندو هو.

(154) عورتن جو بہ توهان تي اهڙو ئي حق آهي جهڙو توهان جو حق عورتن تي آهي.

(155) الله تعاليٰ ڪنهن قوم جي حالت نہ بدلائيندو جيستائين هو خود پنهنجي حالت نہ بدلي.

(156) جهڙا توهان هوندؤ تهڙو ئي امير (حڪمران) توهان تي مسلط هوندو.

(157) چئو خدايا! ملڪ جا مالڪ! تون جنهن کي چاهين عزت بخشين ۽ جنهن کي چاهين ذليل ڪرين.

(158) اي نبيﷺ! انهن ماڻهن کي چئہ تہ جيڪڏهن خدا سان محبت رکو ٿا تہ منهنجي پيروي ڪريو. خدا توهان سان محبت ڪندو.

(159) بنا سڪ جي بهترين انسان اهي ماڻهو آهن، جن ايمان آندو ۽ جنهن نيڪ ڪم ڪيا.

(160) انسان کي صرف اهو ملندو آهي جنهن جي هو ڪوشش ڪندو.

(161) مسلمان دنيا جا بهترين انسان آهن.

(162) ان انسان کي پيدا ڪيو ۽ ان کي ڳالهائڻ سيکاريو.

(163) الله احسان ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.

(164) تمام وڏو گناهه هي آهي ته توهان اها ڳالهه چئو جيڪا توهان نٿا ڪيو.

(165) غيبت زنا کان سخت تر گناهه آهي.

(166) مومن اهي آهن، جيڪي هر وقت الله تعاليٰ کي ياد ڪندا آهن ۽ زمينن ۽ آسمانن جي پيدائش تي ڌيان ڏيندا آهن.

(167) مومن اهي آهن جيڪي پنهنجي رب جو حڪم مڃيندا آهن، نماز قائم ڪندا آهن ۽ پنهنجا معاملات پنهنجي مشوري سان هلائيندا آهن.

(168) سچو ۽ ڪامل مذهب صرف اسلام آهي.

(169) مسلمانو! اسلام ۾ پورا پورا اچي وڃو ۽ شيطان جي قدم بقدم نه هلو، هو توهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

(170) بيشڪ خدا وٽ مذهب صرف اسلام (فرمانبرداري) آهي.

(171) ۽ جيڪو ڪوئي اسلام کان ڪنهن ٻئي دين کي اختيار ڪرڻ چاهيندو ان جو اهو دين هرگز قبول نه ڪيو ويندو ۽ آخر ۾ هو ناڪام نامراد ٿيندو.

(172) ۽ مان توهان لاءِ اسلام کي دين جي حيثيت ۾ پسند ڪيو آهي.

(173) الله جنهن کي هدايت ڏيڻ چاهيندو آهي ان جو سينو اسلام جي لاءِ کولي ڇڏيندو آهي.

(174) پوءِ اگر اهي اسلام قبول ڪن تہ انهن هدايت پاتي.

(175) اي نبيﷺ! چئو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪرڻ وارو مان آهيان.

(176) ڪنهن تي ظلم ۽ زيادتي نہ ڪيو.

(177) نہ توهان ظلم ڪيو ۽ نہ ئي توهان تي ظلم ڪيو ويندو.

(178) رزق جون ڪنجون الله تعاليٰ وٽ آهن (ان ڪري روزيءَ) جي درخواست بہ ان کي ڪرڻ گهرجي.

(179) دوزخ جي عذاب کان ڊڄندا رهو جيڪو نافرمانن ۽ منڪرن جي لاءِ تيار آهي ۽ الله تعاليٰ ۽ رسول الله ﷺ جو حڪم مڃو. عجب ناهي تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

(180) هن قرآن جو مقصد ماڻهن کي سمجهائڻو آهي مگر هدايت ۽ نصيحت تہ ان کان هي ماڻهو وٺندا آهن، جن جي دل ۾ خدا جو خوف آهي.

(181) گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت ماڻهن کي سلام ڪيو. هيءُ الله جي طرف کان مبارڪ ۽ دعا آهي.

(182) معاف ڪيو ۽ درگذر ڪيو.

(183) توهان جو هڪ ئي خدا آهي.

(184) اُهو الله هڪ آهي.

(185) بيشڪ خدا سڀ ڪجھ ڪري سگهي ٿو.

(186) بنا شڪ جي الله ماڻهن تي وڏو شفيق ۽ وڏو مهربان آهي.

(187) خدا نيڪوڪارن جي حمايت ڪندو آهي.

(188) خدا وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي.

(189) ملڪ ۾ فساد نہ پکيڙيو.

(190) جڏهن ماڻهن تي فيصلو ڪيو تہ عدل ۽ انصاف سان ڪيو.

(191) اسان انسان کي پنهنجي والدين سان نيڪي ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

(192) اسان انسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

(193) والدين، رشتيدارن، مسڪينن ۽ مسافرن سان نيڪ سلوڪ ڪيو.

(194) اي نبيﷺصبرسان ڪم ڪندو رهہ ۽ تنهنجو اهو صبرالله تعاليٰ جي ئي توفيق سان آهي، انهن ماڻهن جي حرڪتن تي رنج نہ ڪر انهن جي چال بازين کان تنگ تي، الله تعاليٰ انهن ماڻهن سان گڏ آهي، جيڪي تقويٰ کان ڪم ڪن ونن ٿا.

(195) عرش الاهي وارا فرشتا ۽ اهي جيڪي عرش جي چوڌاري حاضر رهن ٿا، سڀ پنهنجي رب جي حمد ان گڏ تسبيح ڪري رهيا آهن، اهي ان تي ايمان رکن ٿا.

(196) جيڪي ماڻهو ظلم سهڻ کانپوءِ الله جي خاطر هجرت ڪري ويا آهن، انهن کي اسين دنيا ۾ ئي سٺو ٺڪاڻو ڏينداسين ۽ آخرت جو اجر تہ تمام وڏو آهي.

(197) ضعيف ۽ بيمار ماڻهو ۽ جن وٽ جهاد ۾ شرڪت جي لاءِ ڪا راهہ نہ آهي، اهي پويان رهجي وڃن تہ ڪو حرج نہ آهي. جڏهن تہ اهي خلوص دل سان الله ۽ رسول جا وفادار آهن.

(198) اهو سچ آهي تہ ڪنهن شيءِ مان صحح سبق صرف دانشمند ماڻهو ئي حاصل ڪندا آهن. اهي الله تعاليٰ کان دعا ڪندا آهن تہ پروردا تون اسان کي سڌي رستي تي لڳائي چڪو آهين.

(199) بلڪ آخرت جو تہ علم انهن ماڻهن مان گم ٿي ويو آهي پر ڪين ان باري ۾ شڪ آهي، بلڪ اهي ان مان انڌا آهن.

(200) اي نبيﷺ! نرمي ۽ درگذر جو طريقو استعمال معروف جي تلقين ڪندو وڃ ۽ جاهلن سان نہ اٽڪج. اگر ڪڏهن سلطان توکي يڪسائي تہ الله جي پناهہ گهر.

(201) ترش، روٿير ۽ بي رخي اختيار ڪيائين ان ڳالهہ تي هو انڌو هن وٽ اچي ويو، توهان کي ڪهڙي خبر شايد سڌري وڃي يا نصيحت تي ڌيان ڏي.نصيحت ڪرڻ ان جي لاءِ نافع آهي.

(202) جيڪي آسودگي ۽ تنگي ۾ پنهنجو مال الله جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ ڪاوڙ کي روڪين ٿا ۽ ماڻهن جا ڏوهہ معاف ڪن ٿا،الله تعاليٰ انهن کي دوست رکي ٿو؟

(203) ان ڏينهن جڏهن توهان مؤمن مردن ۽ ورتجن کي ڏسندا تہ انهن جو نور انهن جي اڳيان ۽ انهن جي ساڄي پاسي ڊوڙي رهيو هوندو، (انهن کي چيو ويدو، اڄ بشارت آهي اوهان لاءِ.

(204) اهي ماڻهو جن ايمان آڻي نيڪ ۽ طرز عمل اختيار ڪيو آهي، پنهنجو اجورو پورو پائيندا ۽ الله تعاليٰ فضل سان ڪين وڌيڪ اجر عطا فرمائيندو.

(205) اي نبيﷺ! انهن کي چئو اگر ڪٿي منهنجي رب جا خزانا توهان جي قبضن ۾ هجن ها تہ توهان خرچ ٿيڻ جي انديشي سان ضرور انهن کي روڪي رکو ها. واقعي انان وڏو تنگ دل آهي.

(206) اسان انهن ماڻهن وٽ هڪ اهڙو ڪتاب ڪٽي آيا آهيون، جنهن کي اسان ڄاڻ جي بنياد تي تفصيلي بڻايو آهي. جيڪو ايمان آڻيندڙ لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.

(207) اهڙي ريت انهن سيني ماڻهن کي گمراهي ۾ وجهي ڇڏيندو آهي جو حد کان لنگهي ويندڙ اجان بہ شڪي ٿيندا آهن ۽ انهن جي آيتن ۾ جهيڙا ڪندا آهن.

(208) اي انسانو! جن ايمان آندو آهي الله کان ڊڄو ۽ هر شخص اهو ڏسي تہ هن سڀاڻي لاءِ
کهڙو سامان ڪيو آهي. الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو. يقيناً هو توهان جي انهن سڀني
اعمالن کان باخبر آهي، جيڪي توهان ڪريو ٿا.

# فرمان مصطفیٰ ﷺ

(1) ڪنهن  ياءُ جي حاجت روائي ڪرڻ، ائين آهي، گويا انهيءَ ساري عمر الله تعاليٰ جي خدمت ۾ گذاري.

(2) توهان پنهنجي ياءُ جي مدد ڪريو، توڙي اهو ظالم هجي يا مظلوم، مظلوم جي مدد ظلم کان ان کي ڇڏائڻ ۽ ظالم جي مدد ان کي ظلم کان با رکڻ آهي.

(3) جنهن کي مسلمانن جو غم نه هجي، اهو منهنجي امت مان آهي.

(4) الله تعاليٰ جي نزديڪ ان کان وڌيڪ ڪائي عبادت نه آهي ته تون ڪنهن مسلمان ياءُ جي دل خوش ڪرين.

(5) شرڪ کانپوءِ خلق کي ايذاءَ پهچائڻ، بدترين گناهه آهي.

(6) ايمان کانپوءِ خلق کي آرام ڏيڻ، افضل تر نيڪي آهي.

(7) جو شخص سلام ورائڻ کان اڳ ڳالهه ڪري، تنهن جو جواب نه ڏيو، جيستائين اهو سلام نه ڪري.

(8) سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ واري کي نيهه ۽ جواب ڏيڻ واري کي ڏهه نيڪيون ملن ٿيون.

(9) جڏهن ٻه يائرملڻ وقت هٿ ملائن ٿا ته انهن ۾ ستر رڪعتون تقسيم ٿين ٿيون. اٺهتر رحمتون ان کي ملن ٿيون، جيڪو ٻنهي مان زياده کل مک چهري ۽ ڪشادگيءَ پيساني ان هجي ٿو ۽ هڪ رحمت ٻئي ملي ٿي.

(10) پاڙيسريءَ جو حق درجي آهر چاليهن گهرن تائين آهي، يعني چئني طرفن کان چاليهه گهَرَ.

(11) پاڙيسري جو حق صرف اهو ئي نه آهي ته ان کي ستائجي نه پر ان سان احسان ڪرڻ به ضروري آهي.

(12) قيامت جي ڏينهن غريب پاڙيسري، امير پاڙيسريءَ جو دعويدارهوندو.

(13) حال احوال ونڻ ۽ پوءِ غمخواريءَ جو اظهار نہ ڪرڻ نفاق (عداوت) جو دليل آهي.

(14) ڪافر پاڙيسريءَ جو حق هڪ حصو آهي، مسلمان پاڙيسريءَ جو ٻيڻو ۽ رشتيدار پاڙيسريءَ جو ٽيڻو آهي.

(15) جيڪو خدا تعاليٰ ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ پاڙيسريءَ جي عزت ڪري.

(16) جنهن جي شر (بدي) کان پاڙيسري بي خوف نہ هجي اهو مسلمان نہ آهي. توڙي اهو پاڙيسري ڪافر هجي يا مؤمن هجي.

(17) پاڙيسريءَ کي ستائڻ وارو دوزخي آهي، توڙي ساري رات عبادت ڪري ۽ سمورا ڏينهن روزيدار رهجي.

(18) جنهن پاڙيسي جي ڪتي کي ماريو، ان پاڙيسري کي ايذاءُ ڏنو.

(19)جڏهن جنازي سان ساڻ وڃين تہ مردي جي غم کان وڌيڪ پنهنجو غم ڪر ۽ خيال ڪر تہ هو هو (ميت) ملڪ الموت جو منهن ڏسي چڪو ۽ مون کي اڃان ڏسڻو آهي، ان موت جي تلخيءَ (شدت ۽ سختيءَ) جو مزو چکي ڏٺو. مون اڃان چکڻو آهي ۽ هو خاتمي جي خوف کان نڪريويو، مون تي اڃان باقي آهي.

(20) عيب جي ڳالهہ ڪنهن مسلمان جي حق ۾ نہ ٻڌ.
(21) قسم آهي خدا جو جنهن جي هٿ ۾ مون محمدﷺ جان آهي تہ پاڙيسريءَ جو حق ان کان ئي ادا ٿئي ٿو. جنهن تي خدا تعاليٰ رحمت ڪري ٿو.

(22) مسلمانن جي رنجش جو خاتمو سلام عليڪ آهي.

(23) ٽون پوڙهن جي تعظيم ڪر، الله تعاليٰ نوجوانن کي توفيق ڏيندو تہ تنهنجي تعظيم ڪندا.

(24) جو شخص پوڙهن جي تعظيم ۽ ٻارن تي شفقت نہ ڪندو، اهو مون مان نہ آهي.

(25) رنجش جي حالت ۾ بهتر اهو آهي جو صلح ۾ اڳرائي السلام علڪيم ڪري.

(26)هر نيڪ ۽ بد سان نيڪي ڪر، جيڪڏهن هو نيڪي ڪرڻ جي قابل نہ آهي تہ تون انهيءَ جي لائق آهين.

(27) برن سان نيڪي ڪرڻ نيڪن جو ڪم ۽ نيڪن سان برائي ڪرڻ برن جو ڪم آهي.

(28)جو ڪم سڀ کان زياده بخشش جو سبب ٿيندو اهو خوش اخلاقي ۽ شيرين زباني آهي.

(29)جا چيز تون پنهنجي لاءِ پسند نٿو ڪرين، ڪنهن مسلمان لاءِ بہ پسند نہ ڪر.

(30) ڪنهن بہ مسلمان کي توهان جي هٿ ۽ زبان کان ايذاءُ نہ پهچي.

(31) ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن دوست يا واقف ڪار سان ڳالهائڻ ترڪ نہ ڪر، هر قوم جي عزت واري ماڻهو جي تعظيم ڪر.

(32)پنهنجي طاقت آهر، هر هڪ سان نيڪي ڪر، توڙي هو نيڪ هجي يا بد.

(33) تهمت جي جاءِ کان پري رهہ، متان ڪنهن کي پنهنجي لاءِ بدگمانيءَ ۾ نہ وجهين.

(34) جيڪڏهن تون رتبي وارو آهين تہ ڪنهن جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۾ بخل نہ ڪر.

(35) غريبن سان دوستي رک ۽ اميرن جي مجلس کان پري ڀڄ.

(36) اهڙو ارشاد بہ حرام آهي، جنهن سان ڪنهن کي رنج پهچي توڙي ڪٽي ڳالهائڻ ۾.

(37) اهڙو ڪوئي ڪم حلال نہ آهي، جنهن سان ڪوئي گهبرائجي يا ڊجي وڃي.

(38) ڪوئي صدقو زباني صدقي کان بهتر نہ آهي، زباني صدقو هي آهي تہ تون ڪنهن جي سفارش ڪرين يا تڪليف هٽائين يا جان بچائين.

(39) جو نرميءَ کان محروم ٿيو، اهو نيڪي کان بلڪل محروم رهيو.

(40) قبرن جي زيارت لاءِ وڃ، خود عبرت حاصل ڪر ۽ مسلمانن جي بخشش لاءِ دعا گهر.

(41) ڇا تون ٻڌين نٿو ته سادگي ايمان جي نشاني آهي.

(42) سخي الله تعاليٰ جي قريب آهي، جنت جي قريب آهي، ماڻهن جي قريب ۽ باهه کان دور آهي.

(43) بخيل الله تعاليٰ کان دور آهي، جنت کان دور آهي، ماڻهن کان دور آهي ۽ دوزخ جي نزديڪ آهي.

(44) جڏهن ٽي شخص سفر تي وڃن ته هڪ کي پنهنجو اڳواڻ مقرر ڪن.

(45) ٽن ڳالهين ۾ دير نه ڪريو، نماز ۾ جڏهن ان جو وقت ٿي وڃي، جنازي ۾، جڏهن تيار هجي ۽ رنڙ جي نڪاح ۾ جڏهن ان جو جوڙ ملي وڃي.

(46) ٻه نعمتون آهن، جن ۾ اڪثر ماڻهو نقصان پرائيندا آهن، هڪ تندرست ٻيو ڪاروبار کان واندڪائي.

(47) جنهن جهنگل ۾ رهڻ اختيار ڪيو، اهو علم ۽ عقل کان خالي رهيو ۽ جيڪو شڪار جي پنيان ڇيو اهو غافل ٿيو.

(48) جيڪو حاڪمن جي دروازي تي آيو اهو فتني ۾ پيو، جيتري قدر انهن جي نزديڪ ٿيو اوتري قدر خدا کان دور ٿيو.

(49) سڀ عضوا زبان کي درخواست ڪندا آهن ته اسان جو ڪجهه خيال ڪري خدا تعاليٰ کان ڊڄ، جيڪڏهن تون سڌي رهين ته اسان به سڌا رهنداسين، جيڪڏهن تون ڏنگي ٿيندين ته اسان به ڏنگا ٿي وينداسين.

(50) هيءُ هڪ گناهه آهي، جو تون هميشه جهڳڙو ڪندو رهين جو تنهنجي لاءِ عذاب ڪافي آهي.

(51) ڪائو، خيرات ڪريو ۽ پايو انهيءَ حد تائين جو فضول خرچي ۽ تڪبر نہ ڪريو.

(52) تنهنجو ڪنهن چيز کي چاهڻ، توکي انڌو ۽ ٻوڙو ڪري ڇڏي ٿو.

(53) جنهن شخص پنهنجي زبان ۽ شرم گاهہ کي قابو ۾ رکيو، مان ان جي واسطي جنت جو ضامن آهيان.

(54) ايماندار آدمي جو شان نہ آهي تہ پنهنجو پاڻ کي ذليل ڪري، يعني ان بلا ۾ هٿ وجهي جنهن جي مقابلي جي ان ۾ طاقت نہ هجي.

(55) ايماندار آدمي هڪ سوراخ (جاءِ) کان ٻہ دفعا نہ ڏنگبو آهي. (آزمايل کي ٻيهر نہ آزمائيندو آهي.)

(56) بنا سختي سهڻ جي حليم ۽ بنا تجربي جي حڪيم نٿو ٿي سگهي.

(57) ڇوٽڪارو ڇا آهي؟ پنهنجي زبان کي بند رکڻ، پنهنجي گهر ۾ قيام ڪرڻ ۽ گناهن تي نادم ٿيڻ.

(58) توهان مان بهتر اهو شخص آهي جنهن مان نيڪيءَ جي اميد هجي ۽ بديءَ جي متعلق آرام هجي تہ هو نہ ڪندو ۽ بدتر اهو شخص آهي جنهن مان نہ نيڪيءَ جي اميد هجي ۽ نہ وري بديءَ نہ ڪرڻ جو اعتبار هجي.

(59) ڪوئي مرد ٻئي مرد جي اگهڙ نہ ڏسي، نہ ڪا ئي عورت ٻيءَ عورت جي اگهڙ ڏسي. نہ ڪوئي مرد ٻئي مرد سان پاڪر پائي هڪ ئي ڪپڙن ۾ ليٽي (سمهن) ۽ نہ ئي ڪا عورت ٻي عورت سان پاڪر پائي هڪ ئي ڪپڙي ۾ ليٽي.

(60) زماني کي برو نہ چئو ۽ ان جو فاعل حقيقي خدا ئي برتر آهي.

(61) روشن رهي تہ حضور اقدس ﷺ جن (ان کان ڇيلهہ ائين اگهڙ قرار ڏني آهي.

(62) ايمان ٻہ اڌ آهي، اڌ صبر ۽ اڌ شڪر.

(63) صبر ايمان سان ائين مليل آهي جيئن سر جسم سان.

(64) جو ڪوئي قصو ڪندو ان ڪان ان جي جواب طلبي (گرفت) ڪئي ويندي، پيءُ ڪان پٽ جي جواب طلبي نہ ڪئي ويندي ۽ نہ وري پٽ ڪان پيءُ جي.

(65) جنهن بہ ظلم جي مدد ڪئي ان گويا عذاب الاهي خود پنهنجي سر تي ڪنيو.

(66) جو شخص پنهنجي مال غنيمت ۾ ماريو وڃي اهو شهيد آهي، جو پنهنجي جان جي حفاظت ۾ ماريو وڃي اهو بہ شهيد آهي، جو پنهنجي دين جي حفاظت ۾ ماريو وڃي اهو بہ شهيد آهي، جو پنهنجي عيال جي حفاظت ۾ ماريو وڃي هو بہ شهيد آهي.

(67) خدا تعاليٰ جي نزديڪ سڀ ڪان وڌيڪ ڪينو ان شخص جي دل ۾ آهي، جيڪو گهڻو جهيڙو، جهڳڙو ۽ بحث ڪندو رهي ٿو.

(68) چار شخص بي ميار آهن. ڇوڪرو جيستائين بالغ نہ ٿئي. سمهيل جيستائين بيدار نہ ٿئي. چريو جيستائين تندرست نہ ٿئي ۽ اهو پوڙهو جنهن جو عقل وڌيڪ عمر جي ڪري گهٽ ٿي ويو هجي.

(69) جو شخص اجازت ڪانسواءِ پنهنجي ڀاءُ جي خط کي ڏسندو سو باهہ کي ڏسندو.

(70) ڪنهن انسان جي دل ۾ ايمان ۽ حسد ڪٺا رهي نٿا سگهن.

(71) انسان جڏهن پيرسن تي وڃي ٿو تہ ان ۾ بہ ڇيزون جوان ٿي وڃن ٿيون، هڪ مال جو حرص ۽ ٻيو عمر جو.

(72) پاڻ ۾ (هڪٻئي سان) سلام جو عام رواج ڪريو تہ محبت وڌيڪ ٿيندي.

(73) هر هڪ دين جي واسطي خلق آهي ۽ اسلام جو خلق حياءُ آهي.

(74) بہ بکيا بگهڙ جي ٻڪرين ۾ ڇڏيا وڃن تہ اهي قدر فساد برپا نہ ڪندا جيتري قدر انسان کي دولت ۽ مرتبي جا حرص، انهيءَ جي دين ۾ فساد وجهندا آهن.

(75) جنهن چيز ۾ بيهودگي هوندي، انهيءَ جو نتيجو سواءِ تباهي جي ڪجهه نه آهي ۽ جنهن ۾ حياءُ آهي، انهيءَ جو نتيجو ان جي زينت آهي.

(76) قيامت جي ڏينهن مؤمنن جي عملن جي تارازيءَ ۾ ڪائي چيز خوش خلقيءَ کان وڌيڪ وزني نه هوندي ۽ الله تعاليٰ بہ گوبدزبان کي سخت سمجهندو آهي.

(77) حڪومت جي طلب نه ڪريو، ڇاڪاڻ ته اها توهان کي گهرڻ سان ملي ته انهي جو سمورو بوجهه توهان جي مٿان اچي پوندو ۽ جي بنا گهرڻ جي ملي ته توهان جي هر طرح امداد ٿيندي.

(78) مظلوم جي دعا کان ڊڄو، جو ان جي ۽ خدا تعاليٰ جي درمين ڪو ئي پردو ڪونهي.

(79) پنهنجي جانين، پنهنجي اولاد، پنهنجي نوڪرن ۽ پنهنجي مال جي حق ۾ بد دعا نه ڪندا ڪريو، اهڙو اتفاق نه ٿي پوي جو اها گهڙي مقبوليت جي هجي ۽ توهان جي بد دعا قبول ٿي وڃي.

(80) زوردار آواز سان تڪبير نه پڙهو جو توهان ٻوڙي يا غيرحاضر شخص کي نٿا پڪاريو. توهان انهيءَ کي پڪاري رهيا آهيو جو ٻڌي ٿو ۽ ڏسي ٿو ۽ اهو هر وقت توهان سان ساڻ آهي.

(81) الله تعاليٰ کان فضل طلب ڪندا ڪريو، جو الله تعاليٰ کي ئي پسند آهي ته ان کان گهريو وڃي، غم جي دور ٿيڻ ۽ فرحت حاصل ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ تمام سٺي عبادت آهي.

(82) توهان مان هر هڪ کي پنهنجون سموريون حاجتون پنهنجي رب کان گهرڻ کپن، توڙي ڪٽي چمپل جو پٽو ڇجي پوي ته ان کان گهرو.

(83) الله تعاليٰ کان پناهه گهرو، اهڙيءَ دل جي جنهن ۾ عاجزي نه هجي، اهڙيءَ دعا جي جا ٻڌي نه وڃي، اهڙي نفس جي جو پرجي ئي ڪين ۽ اهڙي علم جي جنهن ۾ نفعو نه هجي.

(84) دنيا جي محبت سيني گناهن جي جڙ آهي ۽ هڪ ئي چيز جي محبت توهان کي انڌو، ٻوڙو ۽ گونگو ڪري ڇڏي ٿي.

(85) ملعون آهي اُهو، جنهن جو ڀروسو پاڻ جهڙي مخلوق تي آهي.

(86) جنهن شخص جي دل ۾ ذري جيترو به ايمان هوندو، اهو دوزخ مان ڪڍيو ويندو.

(87) ايماندار آدميءَ جو هر هڪ ڪم ان جي واسطي سنو آهي، جڏهن خوشيءَ حاصل ٿيندي اٿس ته شڪر ڪندو آهي ۽ جڏهن ڏک پهچندو اٿس ته صبر ڪندو آهي ۽ هي ٻئي ڳالهيون سنيون آهن.

(88) ايماندار اهو شخص آهي، جنهن کان ماڻهو پنهنجي مال ۽ جان کي محفوظ سمجهن.

(89) ڪوئي شخص توهان مان ايمان وارو نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين اهو پنهنجي ڀاءُ لاءِ اها چيز پسند نه ڪري جيڪا هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.

(90) توهان جي اهل و عيال جو توهان تي حق آهي، توهان جي مهمان جو توهان ي حق آهي ۽ توهان جي نفس جو به توهان تي حق آهي. بس روزو به رکو پر ماني به کائو، نامز پڙهو مگر سمهو به.

(91) ماڻهو جڏهن ظالم کي ڏسن ۽ اُن کي ظلم ڪرڻ روڪي نه سگهن ته جلدي خدا تعاليٰ انهن سيني تي عذاب نازل ڪندو.

(92) تمام وڏو جهاد هيءَ آهي ته انصاف جي ڳالهه ظالم بادشاهه کي روبرو ڪئي وڃي.

(93) اي انسانو! نيڪ ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڏيندا ڪريو 7 برن ڪمن کان منع ڪندا رهو نه ته خدا تعاليٰ جل ئي توهان تي عذاب نازل ڪندو. پوءِ جيڪڏهن فريادون به ڪندؤ ته ٻڌيون نه وينديون.

(94) جتي گمان پوڻ جو امڪان هجي، اتي ڪنهن جي منهن ڪولڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجي بي گناهيءَ جو اظهار ڪي ڇڏجي.

(95) پيءُ جي پٽ لاءِ ڪا بخشش، انهيءَ کان وڌيڪ نه آهي ته انهيءَ جي تعليم ۽ تربيت سٺي ڪري.

(96) ہر شخص جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ صدقو آهي، ڪنهن کي سهارو ڏئي سواريءَ تي سوار ڪرائڻ يا ان جو مال ڪٽائي رکائڻ صدقو آهي، سٺو قول به صدقو آهي، هر قدم جو نماز يا ٻئي ڪنهن سٺي ڪم لاءِ کنيو وڃي، صدقو آهي.

(97) قسم ڪڻڻ سان خريد ۽ فروخت ۾ زياده تي سگهندي آهي پر ڪمائي گهٽجي ويندي آهي.

(98) خدا تعاليٰ ان شخص تي مهرباني ڪري ٿو جيڪو خريد و فروخت ۽ قيمت جي وصوليءَ ۾ سهولت ۽ نرمي اختيار ڪري ٿو.

(99) اُهي ماڻهو جيڪي مال جي محبت ۾ فنا ۽ غرق ٿي ويا آهن، سي خدا ئي بلند برتر جي درگاهه کان تڙيل آهن.

(100) ڪنهن مسلمان کي جائز نه آهي ته ڪا اهڙي چيز وڪڻي جنهن ۾ ڪنهن ۾ ڪنهن نقس جي هجڻ جو ان کي علم هجي، البته جيڪڏهن خريدار کي ان جي نفس جو احوال ٻڌائي ته پوءِ ڪو خوف نه آهي.

(101) وڻن جو ميوو نه وڪڻندا ڪريو، جيستائين ۾ صلاحيت ظاهر نه ٿئي.

(102) ٻه خصلتون ڪنهن ايماندار آدميءَ ۾ جمع تي نه ٿيون سگهن. هڪ بخل (ڪنجوسي) ٻي بدخلقي.

(103) اي آدم جي اولاد! تنهنجو ڪوئي مال نه آهي، سواءِ ان جي تو ڪائي فنا ڪيو يا پائي چوڙيو، يا خير جي ڪم ۾ خرچ ڪري ان کي جاري رکيو.

(104) غير تي ڪوئي صدقو نه آهي، جڏهن مائٽ محتاج آهن.

(105) ڪنهن جي غضب تي صبر ڪرڻ ۽ ايذاءَ رسڻ تي درگذر جو رويو (دستور) جيڪي ماڻهو اختيار ڪندا آهن ته الله تعاليٰ انهن کي محفوظ رکندو ۽ ان جا مخالف ان سان عاجزي رکندا.

(106) گنهگار جي دل برن عملن جي گهٽائيءَ سبب (براين جي) عادي تي وجي ٿي. ان کي هيءَ (گناهه جو) احساس گهٽو گهٽ ٿئي ٿو. تنهن ڪري بنا روڪ ٽوڪ برا عمل ڪندو رهي ٿو.

(107) جڏهن توهان مان ڪوئي نماز جي جماعت جو امام ٿئي ته ان کي ٿورڙو پڙهڻ کپي. ڇاڪاڻ ته جماعت ۾ ضعيف، بيمار ۽ ڪم ڪار وارا هوندا، جڏهن اڪيلو پڙهو ته ڀلي جيترو جيءُ چاهي پڙهو.

(108) اهو مسلمان جو ماڻهن سان ملي جلي ٿو ۽ انهن جي آزار ڏيڻ تي صبر ڪري ٿو، ان کان ڀلو آهي، جو نه ماڻهن سان ملي ٿو ۽ نه وري انهن جي ايذاءَ پهچائڻ تي صبر ڪري ٿو.

(109) بهتر صدقو اُهو آهي جو توفيق وارو ڏئي ۽ پنهنجي عيال کان شروع ڪري.

(110) هڪ ڏينن پاڻ سڳورنﷺ صدقي جو حڪم فرمايو، هڪ شخص عرض ڪيو ته "يا رسول اللهﷺ مون وٽ هڪ دينار آهي." پاڻ سڳورنﷺ فرمايو ته "ان کي پنهنجي جان تي صدقو ڪر." يعني پنهنجي جان تي خرچ ڪر." ان چيو ته "مون وٽ ٻيو به آهي." فرمايائون ته "ان کي پنهنجي اولاد تي خرچ ڪر." انهيءَ عرض ڪيو ته "مون وٽ اجان به آهي." فرمايائون ته ان کي پنهنجي زال تي صدقو ڪر". هن چيو ته يا رسول اللهﷺ مون اجان ٻي به آهي، فرمايائون ته ان کي پنهنجي نوڪر تي صدقو ڪر." وري هن چيو ته مون وٽ اجان ٻي به آهي، فرمايائون ته "ان کي جنهن جاءِ تي تون خود مناسب سمجهين خرچ ڪر."

(111) بهتر صدقو اهو آهي جو طاقت موافق هجي.

(112) برائيءَ جي ٻڌائڻ وارو مثل ان جي ڪرڻ واري جي آهي.

(113) مسڪين کي صدقو ڏيڻ هڪ صدقو آهي ۽ مائٽ کي صدقو ڏيڻ ٻه صدقا آهن. هڪ ته اصل صدقو، ٻيو رشتيداريءَ جي نگهبانيءَ جو.

(114) جيڪڏهه مان حڪم ڏيان ته مان ڪوئي ڪنهن کي سجدو ڪري ته زال کي حڪم ڏان ته هوءَ پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري.

(115) جيڪڏهن ڪا ئي عورت ان حال ۾ مري وڃي جو سندس مڙس ان مان راضي هجي ته اها جنت ۾ داخل ٿيندي.

(116) جو شخص ڪنهن برائيءَ ۾ حاضر هجي ۽ ان سان راضي هجي ته گويا ان خود اها برائي ڪئي.

(117) ايماندار آدميءَ پنهنجي زال سان ناراض نه رهي، ڇو جو اُن جي ڪائي عادت (جيڪڏهن) ڪيس پسند نه هجي ته ڪائي پسند جهڙي به ته هوندي.

(118) ماڻهن سان سندن مرتبي آهر ورتاءَ ڪريو، يعني هر هڪ جي مرتبي جو خيال رکو.

(119) بدگماني کان پرهيز ڪريو، ڇاڪاڻ ته گمان سڀ کان وڌيڪ ڪوڙي ڳالهه آهي. عيب جوئي نه ڪريو. لڪي ڳالهيون نه ٻڌو، فخر نه ڪريو، حسد نه رکو، منهن نه موڙيو الله تعاليٰ جا ٻندا ۽ ڀائر ٻڻجي رهو.

(120) جيڪڏهن ڪوئي ٻندو اوير ۾ ماريو وڃي ۽ ٻيو شخص اولهه ۾ ان جي قتل تي راضي هجي ته اهو ٻيو به اُن جي قتل ۾ شريڪ ٿيندو.

(121) مومن جو چهرو خوش (مسرور) رهندو آهي ۽ دل غمگين.

(122) هڪ مسلمان جا ٻئي مسلمان تي پنج حق آهن. سلام جو جواب ڏين، بيمار پرسي ڪرڻ، جنازي سان گڏ وڃڻ، ڪائڻ جي دعوت قبول ڪرڻ ۽ ڇڪ (نڇ) جو جواب ڏيڻ.

(123) خوش اخلاقيءَ کي حقير نہ سمجهيو توڙي اها ايتري قدر هجي توهان پنهنجي پاءُ سان کل مک چهري سان ملو.

(124) جڏهن پاڇي رڏيو تہ ان ۾ پاٽي ٿورو وڌيڪ وجهو ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ کي ان مان هک ٻہ چمچو ڏياري موڪليو.

(125) رستن ۾ وهڻ جي پرهيز ڪندا ڪريو، جيڪڏهن ويهٽو آهي تہ رستي جا حق ادا ڪريو، يعني نظر هيٺ رکڻ، ڪنهن کي ايذاءَ پهچائڻ کان باز رکڻ، سلام جو جواب ڏيڻ، نيڪ ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪرڻ، بري ڪم کان منع ڪرڻ، مصيبت واري جي فرياد رسي ڪرڻ ۽ پليل کي رستو ٻڌائڻ.

(126) جڏهن ٽي شخص وينل هجن تہ ٽين کي ڇڏي ٻہ (متان)سس پس (ڪن ۾ ڳالهيون نہ ڪن جو انهيءَ هو رنجيده ٿي ويندو.

(127) جو شخص انهيءَ ڳالهہ تي خوش ٿئي تہ ماڻهو سندس تعظيم لاءِ اٿاريا وجن تہ اهو پنهنجي جاءِ باهہ ۾ سمجهي ڇڏي.

(128) ڪاڏو ڪارائڻ ۽ واقف ۽ ناواقف ٻنهي کي سلام ڪرڻ بهترين اسلام آهي.

(129) هک ٽولو جڏهن وجي رهيو هجي تہ ڪافي آهي جو انهن مان صرف هک ئي سلام ڪري اهڙي طرح هک جاءِ تي وينل ماڻهن مان بہ هک جو ئي (سلام جو جواب) ڪافي آهي.

(130) دوست سان محبت وچٿري رکو، جو ممکن آهي تہ ڪڏهن توهان جو جهڳڙو ٿي پوي، اهڙيءَ طرح دشمن سان بہ دشمني حد کان وڌيڪ نہ ڪريو ممکن آهي تہ ڪڏهن توهان جي محبت ٿي وجي.

(131) سوار پيدل کي، هلڻ وارو وينل کي ۽ ٿورا ماڻهو گهڻن کي سلام ڪن.

(132) جنهن شخص جا ٻئي ڏينهن يعني اجوڪو ۽ ڪالهو برابر ٿي وجن تہ اهو نقصان ۾ آهي ۽ جنهن جو ڪالهوڪو ڏينهن اجوڪي کان سٺو هو اهو محروم آهي.

(133) گوشہ نشني کي لازم پڪڙيو، اها عبادت آهي ۽ توهان اڳ ۾ نيڪوڪارن جو طريقو آهي.

(134) خدا تعاليٰ جي عبادت اهڙي طرح ڪريو گويا تون ان کي ڏسين ٿو ۽ جيڪڏهن تون ان کي نٿو ڏسي سگهين تہ سمجھ تہ هو توکي ڏسي ٿو.

(135) پنهنجو پاڻ کي تمنا کان بچاءِ جو بيوقوفن واري آهي.

(136) مومن کي ايذاءُ پهچائڻ خدا تعاليٰ جي ويجهو ڪعبہ بيت المعمور جي ڍاهڻ کان پندرهوڻو برو آهي.

(137) ماڻهو الله تعاليٰ جو عيال آهي ۽ الله تعاليٰ وٽ اهو ئي زياده پيارو آهي، جيڪو ان جي عيال کي زياده فائدو پهچائڻ وارو آهي.

(138) علم عمل کي آواز ئي ٿو، جيڪڏهن ان جو (آواز جو جواب ڏنو تہ ترسي ٿو نہ تہ رخصت ٿئي ٿو.

(139) جڏهن تون صبح ڪرين تہ پنهنجي نفس سان شام جو ذڪر نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ توکي خبر نہ آهي تہ سڀاڻي تنهنجو ڇا حال هوندو.

(140) جنهن الله جي عبادت، جهالت سان ڪئي، ان جو فساد اصلاح کان وڌيڪ ٿئي ٿو.

(141) جاهل کي هڪ دفعو عذاب ڏنو ويندو ۽ عالم کي ست دفعا.

(142) جو شخص الله تعاليٰ کان ڊڄي ٿو. اهو بدلو نہ ٿو وٺي.

(143) بندي لاءِ دنيا ۾ الله تعاليٰ جو سخت ترين عذاب غيرمقسوم (مقدر ۾ نہ هجڻ جو مطلب ڪرڻ آهي.

(144) مومن جي تيز فهمي کان بچندا رهو، تحقيق هو الله تعاليٰ جي نور سان ڏسي ٿو.

(145) مون کي پنهنجي امت تي وڌيڪ خوف منافق ۽ زبان دراز جو آهي.

(146) عبادت جا ڏهه حصا آهن، تن مان نو حلال طلب آهن.

(147) جو شخص هن ڳالهه جي پرواهه نٿو ڪري ته هو ڪٿان مال ڪمائي ٿو، الله تعاليٰ به ان جي پرواهه نه ڪندو ته ڪٿان ان کي دوزخ ۾ داخل ڪري.

(148) جو شخص هڪ ڪپڙو ڏهن درهمن جو وٺي ۽ ان جي قيمت ۾ هڪ درهم حرام جو هجي ته اهو ڪپڙو جيستائين ان جي بدن تي رهندو تيستائين الله تعاليٰ ان جي نماز قبول نه ڪندو.

(149) جا چيز ماڻهن کي جنت ۾ زياده داخل ڪرائيندي سا الله تعاليٰ کان ڊڄڻ ۽ خوش خلقي آهي.

(150) ايماندار کي ڪاوڙ به جلد ايندي آهي ۽ راضي به جلد ٿي ويندو آهي.

(151) آدمي کي برائي ئي ڪافي آهي ته هو مسلمان ڀاءُ کي حقير سمجهي.

(152) توهان جو پاڙيسري جيڪڏهن توهان کان مدد گهري ته ڪيس مدد ڪريو. جي قرض گهري ته ڪيس قرض ڏيو،جو توهان ۾ ڪوئي ڪم پويس ته سندس ڪم پورو ڪريو، بيمار رهجي ته سندس عبادت ڪريو، فوت ٿي وڃي ته جنازي جي همراهه ٿي وڃو، ان کي خوشي پهچي ته مبارڪ ڏيوس. مصيبت پهچي ته عذرخواهي ڪريوس. ان جي اجازت کانسواءِ پنهنجي عمارت مٿي نه ڪريو، متان ان جي هوا نه روڪجي، جي ڪوئي ميوو خريد ڪريو ته ڪيس تحفي طور موڪليو، نه ته لڪائي گهر ۾ ڪٽي اچو ۽ پنهنجي ٻارن کي ميوو ڏئي ٻاهر وڃڻ نه ڏيو. جيئن ان جي ٻارن کي رنج نه پهچي، پنهنجو ديڳڙو خوشبودار ڪري ڪيس ايذاءُ نه ڏيو يا ان صورت ۾ ڪيس به هڪ يا ٻه چمچا ڏياري موڪليو. هي سمورا حق ان کان ئي ادا ٿي سگهندا، جنهن تي خدا تعاليٰ رحم ڪري.

(153) رحم رحمان سان مليل آهي، جو ڪوئي انهيءَ سان ملائيندو سو رحمان سان ملندو جو ڪوئي انسان قطع ڪندو اهو رحمان سان قطع ڪندو.

(154) نيڪ ۽ خوش خلق صائم الدهر ۽ قائم اليل (ڏينهن جو روازا رکندڙ ۽ رات جو جاڳي عبادت ڪندڙ) جو درجو حاصل ڪري ٿو.

(155) جنهن ڪي سلامت رهڻ سنو لڳي اهو خاموشيءَ سان لازم وٺي (اختيار ڪري) ۽ گهرجيس تہ گهر ۾ گهاري.

(156) مومن جي زبان دل جي پويان رهندي آهي، يعني جڏهن ڳالهائڻ چاهيندو تہ دل ۾ سوچ ڪندو آهي تڏهن زبان مان ڪيندو آهي.

(157) جڏهن ڪوئي توهان ڪي دعا ڪري تہ توهان بہ ان ڪي دعا ڪريو. انهيءَ ڪان بهتر يا ساڳي.

(158) گهٽي ڳالهائڻ ڪان وڌيڪ، انسان لاءِ ٻي ڪا بري چيز نہ آهي.

(159) دنيا جي محبت هر هڪ خطا جي جڙ آهي.

(160) مان ۽ منهنجي امت جا پرهيز ماڻهو تڪليف ڪان بري آهن.

(161) باهہ خشڪي ۾ ايترو جلد نہ لڳندي آهي جيتري گلا بندي جي نيڪين کي خشڪ ڪندي آهي.

(162) ماڻهن ۾ برو اهو آهي جنهن ۾ تعظيم ان جي لچپڻي جي خوف ڪان ڪئي وڃي.

(163) بهتر اهو آهي جو دير سان خفا ٿئي ۽ جلد مُڙي وڃي (راضي ٿي وڃي) بدتر اهو آهي جو ترت ڪاوڙجي ۽ دير سان راضي ٿئي.

(164) دنيا ان جو گهر آهي، جنهن کي گهر نہ هجي، ان جو مال آهي، جنهن کي مال نہ هجي، ان کي اهو جمع ڪري ٿو، جنهن کي عقل نہ هجي، ان تي عداوت اهو ڪري ٿو جنهن کي علم نہ هجي، ان تي حسد اهو ڪري ٿو جنهن کي سمجهہ نہ هجي، ان واسطي هو ڪوشش ڪري ٿو، جنهن کي يقين نہ هجي.

(165) دنيا جي ڪائي چيز توهان وٽ نہ هجي پر هي چار چيزون هجن تہ توهان کي نقصان نہ آهي، راست گفتاري (حق گوئي) امانت جي حفظت هجي، خوش خلقي ۽ حلال غذا.

(166) دنيا حلال بہ عذاب آهي پر هي حرام جي نسبت خفيف آهي.

(167) آدميءَ جا دوست ٽي آهن، هڪ تہ دوزخ جي قبض ٿيڻ تائين گڏ رهي ٿو، ٻيو قبر تائين ۽ ٽيون قيامت تائين روح جي قبض ٿيڻ تائين ساٿي مال آهي قبر ساٿي گهر جا ماڻهو ۽ قيامت تائين ساٿي ان جا اعمال آهن.

(168) سخي گنهگار خدا وٽ بخيل عابد کان بهتر آهي.

(169) ڪوئي فقير ۽ غني اهڙو نہ آهي، جنهن کي قيامت ۾ هيءَ آرزو نہ هجي تہ جيڪر دنيا ۾ صرف قوت گذاري جي لائق ڏنو وڃي ها.

(170) دنيوي حيثيت ۾ جيڪي توهان کان وڌيڪ آهن تن ڏانهن نہ ڏسندا ڪريو جو ناشڪري پيدا ٿيندي.

(171) جو وچٿري وات وٺي ٿو، سو مفلس نہ ٿئي ٿو.

(172) سخيءَ جو ڪاڏو دوا ۽ بخيل جو مرض آهي.

(173) جو شخص خدا تعاليٰ جي ناراضگي ماڻهن جي رضامنديءَ ۾ چاهي ٿو، خدا تعاليٰ ان کي ماڻهن جي حوالي ئي ڪري ڇڏي ٿو.

(174) الله تعاليٰ جي ويجهو ٻن قطرن کان وڌيڪ ڪوئي بہ قطرو پسند نہ آهي، هڪ ڳوڙه جو قطرو جو الله تعاليٰ جي خوف کان نڪتل هجي ۽ ٻيو خون جو قطرو جو الله تعاليٰ جي رستي ۾ ڪريل هجي.

(175) بخل ۽ ايمان هڪ دل ۾ جمع نٿا ٿي سگهن.

(176) جو ڪنهن قوم جي مشابهت پيدا ڪري ٿو اهو ان مان آهي.

(177) جڏهن ڪنهن بنديءَ تي خدا تعاليٰ جي نعمت وڏيڪ ٿيندي آهي تہ ان جي طرف ماڻهن جون حاجتون بہ وڏيڪ ٿينديون آهن، جيڪڏهن هو انهن ڪان لاپرواهي ڪندو آهي تہ اهو ان نعمت جي وڃائڻ پنيان هوندو آهي.

(178) جڏهن توهان ڪنهن کي ڏسو تہ الله تعاليٰ ان جون مرادون پوريون ڪندو رهي ٿو ۽ هو پنهنجي خطائن تي ڇميو بينو آهي تہ سمجهو هي اُهو ان کي مهلت ڏيڻ لاءِ ڏنو وڃي ٿو.

(179) الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ مان پنهنجي ٻانهي جي گمان سان ساڻ آهيان.

(180) جو شخص جهڳڙو ڇڏي ڏئي جيتوڻيڪ حق تي ئي هجي تہ ان جي لاءِ جنت جي آسپاس جو ڪوڙ ڳالهائي ڇڏي ڏئي خواه چرچي جي طور ۾ ئي هجي، تہ ان لاءِ جنت جي وچ ۾ ۽ جو خوش خلق هجي ان جي لاءِ جنت جي اعليٰ درجي ۾ هڪ گهر جو مان ضامن آهيان.

(181) جيڪو شخص ڪا چيز اولاد جي لاءِ بازار مان آڻي تہ ڀهريائين نياڻيءَ کي ڏي پوءِ پٽ کي.

(182) ڇا مان توهان کي اهڙي خزاني جو اطلاع نہ ڏيان جو سڀ ڪان بهتر آهي، ٻڌي ڇڏيو تہ اها نيڪ عورت آهي.

(183) پاڻ ۾ هڪٻئي ڏانهن تحفو موڪليندا ڪريو جو تحفو دل جو غبار ۽ رنجش لاهي ڇڏيندو آهي.

(184) پنهنجي ڀاءُ جي تڪليف تي خوشي ظاهر نہ ڪريو جو خدا تعاليٰ ان کي آرام ڏيندو ۽ توهان کي ڏک ۾ مبتلا ڪندو.

(185) عادل حاڪم جي تعظيم ڪرڻ خدا تعاليٰ جي تعظيم ۾ داخل آهي.

(186) جنهن وڙهڻ جي غرض سان تلوار اولاري پر پوءِ پنهنجي ارادي ڪان باز اچي، مياڻ ۾ وڌي تہ ان تي باز پرس نہ آهي.

(187) هڪڙي نياڻِءَ وارو غمگين آهي ۽ ٻن نياڻين وارو وڏي بوجهه هيٺ آهي ۽ ٽن واري جي مدد ڪر. اي مسلمانو! اهو جنت ۾ منهنجو پاڙيسري هوندو.

(188) اهڙي نعمت ڪنهن کي نه ملي جا صبر کان بهتر ۽ وڏي هجي.

(189) ماڻهو هرگز هلاڪ نه ٿيندا جيستائين انهن جي برن عملن جي سبب ڪري سندن جانين تي حجت قائم نه ٿيندي.

(190) دعويٰ جي شهادت پيش ڪرڻ مدعيءَ جي ذمي آهي ۽ ان کان انڪار جي صورت ۾ قسم کڻڻ مدعا عليه جي ذمي آهي.

(191) حلال چيزن مان ڪائي چيز، خدا تعاليٰ جي ويجهو اهڙي نه آهي جهڙي طلاق.

(192) جنهن شخص تي فاقو اچي ۽ هو انهيءَ کي ماڻهن مٿان هٽي يعني انهن کان پني ته ان جو فاقو (ڪڏهن) دور ٿيندو ۽ جيڪو پنهنجي فاقي کي الله تعاليٰ تي رکي يعني الله تعاليٰ کان پني ته اهو ان کي ستت يا دير پرو رزق ڏيندو.

(193) جڏهن ڪوئي حاڪم جاچ ۽ تحقيقات ڪري ۽ سچي ڳالهه کي پهچي ته ان کي ٻه اجر ملندا. جيڪڏهن جاچ ڪري مگر غلط ڳالهه کي پهچي ته ان کي صرف جاچ جو هڪ اجر ملندو.

(194) توهان جي جسم ۾ هڪڙو گوشت جو ٽڪرو آهي، جڏهن اهو درست هجي ٿو ته سارو جسم درست هجي ٿو ۽ جڏهن اهو بگڙجي ٿو ته سارو جسم بگڙجي وجي ٿو، معلوم هجي ته اها دل آهي.

(195) اهو شخص ڪوڙو نه آهي جو ٻن شخصن ۾ صلح ڪرائي نيڪ ڳالهه انهن کي چئي يا پنهنجي طرف کان نيڪ ڳالهه ملائي.

(196) سيدنا ابراهيم (فرزند مبارڪ) جڏهن آخري پساهه کڻي رهيو هو ته حضور اڪرم ﷺ جن کيس پنهنجي هنج ۾ ڪنيو ۽ زبان مبارڪ سان فرمايائون ته ”اي ابراهيم! حڪم الاهي جي اڳيان اسان تنهنجي ڪم اچي سگهيون ٿا.

(197) جو شخص ڪنهن لباس ڪي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ يا پنهنجي اميري ظاهر ڪرڻ جي غرض سان پائيندو تہ الله تعاليٰ ان کي ذلت جو لباس پهرائيندو.

(198) جو شخص پنهنجي ظالم تي دعا ڪري ٿو اهو پنهنجو بدلو وٺي سگهي ٿو.

(199) جو شخص علم جي تلاش ۾ نڪتو اهو واپس اچڻ تائين گويا الله تعاليٰ جي راهہ تي هوندو.

(200) جڏهن توهان مان ڪوئي پنهنجي دوست سان محبت رکي تہ ان کي ٻڌائي ڇڏي تہ مان توهان سان محبت رکان ٿو.

(201) توهان مان هر هڪ پنهنجي ڀاءُ جو آئينو آهي. جيڪڏهن ڪائي بہ ڪنهن بہ برائي ڏسي تہ ان کي گهرجي تہ اها هٽائي يا ٻڌائي.

(202) جو شخص مرڻ جي وقت غلام کي آزاد ڪري، اهو گويا پنهنجو پيٽ ڀري ڪنهن ڏانهن ڪاڄو تحفي طور موڪلڻ وانگر آهي، جنهن ۾ ڪائي مروت نہ آهي.

(203) آدميءَ جي اسلام جي خوبي، بي فائدي ڪمن جو ڇڏڻ آهي.

(204) جڏهن بہ شخص هڪڙي ئي وقت دعوت ڏين تہ انهن مان ويجهي دروازي واري جي دعوت قبول ڪريو، جيڪڏهن انهن مان ڪوئي اڳ ۾ ڪري تہ ان جي قبول ڪريو.

(205) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي دعوت ڪئي وڃي ۽ هو قبول نہ ڪري تہ ان الله تعاليٰ ۽ رسولﷺ جي نافرماني ڪئي ۽ جو شخص بنا ڪنهن دعوت جي ڪائڻ هليو وڃي تہ ڄڻ چور اندر ويو ۽ چوري ڪري ٻاهر نڪتو.

(206) ڪوئي آقا پنهنجي غلام کي ائين نہ چئي تہ منهنجو غلام يا منهنجي ٻانهي يا منهنجو خادم ۽ نہ خادم آقا کي ائين چئي تہ منهنجو رب يعني پالڻ وارو يا پالڻ واري پر آقا چئي تہ منهنجو جوان يا منهنجي جوان عورت ۽ خادم چئي تہ

منهنجو سردار يا منهنجي سرداراڻي چاڪاڻ تہ توهان سڀ غلام آهيو ۽ سيني جو رب اهو ئي عزت ۽ جلال وارو آهي.

(207) پاڻ سڳوراﷺ جڏهن ڪنهن جي گهر ڏانهن ويندا هئا تہ دروازي جي سامهون نہ ايندا هئا پر ساڄي يا کاٻي پاسي کان السلام عليڪم چوندا هئا (چاڪاڻ تہ انهن ڏينهن ۾ دروازن جي اڳيان پردا نہ هوندا هئا.)

(208) ابو مسعود بدري پنهنجي غلام کي لڪڻ سان مارڏئي رهيو هو تہ ايتري ۾ حضورﷺ جن تشريف فرما ٿيا (حضورﷺ کي ڏسي) ان لڪڻ ڦٽي ڪيو، پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ! ٻڌايو مسعود! خدا توتي زياده قادر آهي بنسبت انهيءَ جي جو تون غلام تي آهين." اهي الفاظ ٻڌي ابو مسعود آئيندي واسطي توبهہ ڪري ڇڏي.

(209) پاڻ سڳورنﷺ ان چت تي سمهڻ جي منع فرمائي آهي،جنهن کي پردا نہ هجن.

(210) جڏهن ڪو مرد ڪنهن عورت سان انهيءَ شرط تي نڪاح ڪري تہ هو ان کي ان جي شهرڪان ٻاهر نہ وٺي ويندو تہ پوءِ ان مرد کي جائز نہ آهي، جو بغير ان جي رضامندي جي ان کي شهر مان ٻاهر وٺي وڃي.

(211) هڪڙي ڪنواري ڇوڪريءَ پاڻ سڳورنﷺ جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ "منهنجي پيءُ منهنجو نڪاح ڪري ڇڏيو آهي، حالانڪ اهو مون کي ناپسن آهي." پاڻ سڳورنﷺ ان کي اختيار ڏئي ڇڏيو تہ جيئن توکي وڻي تيئن ڪر.

(212) حضرت عائشہ رضہ کان روايت آهي تہ هڪ آدمي ٻاهران آواز ڏئي حضورﷺ جن سان ملاقات جي اجازت طلب ڪئي. حضورﷺ جن فرمايو تہ "هي شخص قوم جو برو آدمي آهي" جڏهن هو اندر آيو تہ انسان ڪشاده بيشاني ۽ نرم ڪلاميءَ سان پيش آيا، جڏهن هو هليو ويو تہ مون چيو تہ يا رسول الله تعاليٰ ﷺ جنهن وقت اوهان ان آدمي جي اچڻ جو ٻڌو تہ ان وقت ان جي بنسبت هي الفاظ فرمايو هو پر جڏهن اوهان جي سامهون آيا تہ ڪشادي پيساني رکو. حضورﷺ جن فرمايو تہ اي عائشہ رضہ تون ڪڏهن مون کي ڪنهن سان بدڪلامي ڪندي يا بدخلقي سان پيش ايندي ڏٺو آهي. گهٽائي ماڻهو پاڻ

سڳورنﷺ جي حسن اخلاق تي ئي متاثر ٿي پاڻ سڳورنﷺ جي رسالت تي ايمان آندو.

(213) حضرت صفيہ رضہ کان روايت آهي تہ يا رسول اللهﷺمسجد ۾ معتڪب هئا هڪڙي رات مان ڪين ڏسڻ ويم چند ڳالهين ڪرڻ ڪانپوءِ مان اٿيم تہ گهر وڃان، پاڻ سڳوراﷺ جن بہ اٿيا ۽ مون سان مسجد جي دراوزي تائين آيا، ان وقت ٻہ شخص انصاري اتان لنگهيا جڏهن انهن حضورﷺجن کي ڏٺو تہ پنهنجي قدمن کي تيز ڪيو. حضورﷺجن فرمايو تہ ”اتي بيهو ڏسو هي منهنجي زال صفيہ رضہ آهي.“ هنن چيو تہ ”سبحان الله يا رسول الله“ هلي ڇا ڪنهن شبهي جي گنجائش پاڻ سڳورن فرمايو تہ شيطان جو گذر بني آدم جي خون جي گذرگاهن تائين آهي، مون کي انديشو ٿيو تہ توهان جي دلين ۾ منهنجي متعلق ڪوئي برو خيال نہ وجهي ڇڏي.“

(214) عثمان بن بشير رضہ کان روايت آهي تہ منهنجو پيءُ مون کي همراهہ ڪري رسول ڪريمﷺ جي خدمت ۾ وٺي آيو ۽ چيائين تہ يا رسول اللهﷺ! هن پٽ کي هي غلام عطا ڪيو آهي.“ پاڻ سڳورنﷺ پڇا ڪرڻ فرمائي تہ ”تون هر هڪ پٽ کي اهڙو عطيو ڏنو آهي.“ هن چيو تہ ”نہ“، پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ ”تون پنهنجو عطيو واپس وٺي ڇڏ.“

(215) جڏهن ٻن مسلمانن تلوارن سان هڪٻئي جو مقابلو ڪيو تہ قاتل ۽ مقتول ٻئي دوزخي آهن، ماڻهن پڇيو تہ يا رسول اللهﷺ! قاتل تہ دوزخي ٿيو، مقتول ڇو؟“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ انهيءَ بہ تہ پنهنجي ساٿي جي قتل جو ارادو ڪري رکيو هو.“

(216) جيڪڏهن ڪوئي شخص نيڪ ڪم ڪندو هجي پر بيماريءَ يا سفر جي سبب ڪري اهو نيڪ ڪم ڪان رهجي وڃي تہ الله تعاليٰ ان جو عمل اهڙو ئي شمار ڪندو جهڙو هو انهيءَ حالت ۾ ڪندو هو. جڏهن ڪيس ڪو عذر نہ هو.

(217) جو شخص ڪنهن نيڪ ڪم جي واسطي ترغيب ڏئي ٿو تہ ان کي ايترو ئي ثواب ملي ٿو، جيترو ان شخص کي جو سندس پيروي ڪري ٿو ۽ جو شخص بري ڪم لاءِ ترغيب ڏئي تہ ان کي اوترو ئي گناهہ ٿئي ٿو جيترو ان شخص کي

جو سندس پيروي ڪي تو انهن ٻنهي جو ثواب ۽ گناهه ۾ ڪابہ ڪمي نہ ٿي ٿئي.

(218) هڪڙي شخص عرض ڪيو تہ يا رسولﷺ! مون کي ڪجهہ نصيحت ڪريو مگرايتري زياده نہ هجي جو مون کان وسري وڃي.“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ ”غصو نہ ڪندا ڪريو.“

(219) حضور جن کان پڇا ڪئي وئي تہ سڀ کان سٺو شخص ڪير آهي؟ پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو تہ جنهن جي عمر وڏي هجي ۽ اعمال نيڪ هجن.“ ماڻهن پڇيو تہ سڀ کان برو شخص ڪير آهي پاڻ سڳورنﷺجن فرمايو تہ ”جنهن جي عمر وڏي ۽ اعامل بد هجن.“

(220) هڪڙي ڏاچي ڪنهن جي باغ ۾ گهڙي وئي ۽ ان کي خراب ڪري ڇڏيائين. پاڻ سڳورنﷺفرمايو تہ ڏينهن جو مال جي (باغ جي) حفاظت مال واري جي ذمي آهي ۽ رات جي وقت ڍورن جي حفاظت ڍورن وارن جي ذمي آهي.

(221) ماڻهن اچي خبر ڏني تہ هڪڙي شخص خودڪشي ڪئي آهي، حضورﷺجن فرمايو تہ ”مان ان جي واسطي جنازي جي دعا نہ پڙهندس.“

(222) ابو سفيان جي زال هنده عرض ڪيو تہ منهنجو مڙس بخيل آهي، منهنجي ۽ منهنجي اولاد جي ضرورت لاءِ ڪافي خرچ نہ ٿو ئي ڇا مان سندس لاءِ عمليءَ ۾ ان جو مال خرچ ڪري سگهان ٿي؟ حضورﷺ! جن فرمايو تہ پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي معمولي ضرورت واسطي جيترو قدر درڪار هجي خرچ ڪندي ڪر.“

(223) اي الله! مان تنهنجي اڳيان اقرار ڪريان تہ جيڪڏهن غصي ۾ اچي مان پنهنجي امت جي ڪنهن بہ شخص کي برو چيو هجي يا لعنت ڪئي هجي تہ آخر مان بہ انسان آهيان مون کي بہ اهڙو ئي غصو اچي ٿو جهڙو ٻين ماڻهن کي ايندو آهي، تون مون کي مخلوق جي جي واسطي رحمت بڻائي موڪليو آهي، تون قيامت جي ڏينهن لعنت کي انهن جي مٿان رحمت ڪر.

(224) هڪڙي شخص عرض ڪيو تہ ”يارسول اللهﷺ! جيڪڏهن ڪوئي مون وٽ اچي ۽ مون کان منهنجو مال کسي؟ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ ”ان کي خدا تعاليٰ کان ڊيڄار.“ هن چيو تہ جيڪڏهن هو نہ ڊڄي“ حضور جن فرمايو تہ ”پنهنجي پاڙيسريءَ کان مدد گهر.“ ان شخص چيو تہ جيڪڏهن پاڙي ۾ ڪوئي مسلمان نہ هجي جو منهنجي مدد ڪري، ڇاڪاڻ تہ ڪافر تہ مدد ڪندا ئي ڪونہ“ حضور جن فرمايو تہ ”پوءِ حاڪم کان مدد گهر.“ ان عرض ڪيو تہ جيڪڏهن حاڪم دور هجي. حضورﷺ فرمايو تہ پنهنجي مال جي خاطر لڙ (مقابلو ڪر جيستائين آخرت ۾ شهيدن ۾ وڃي شامل ٿيئين يا فتح ڪري پنهنجو مال بچائين.

(225) هڪڙي شخص عرض ڪيو تہ ”خادم جو قصور ڪيترا دفعا معاف ڪريان پاڻ سڳوراﷺ خاموش رهيا. ان شخص پنهنجو سوال ورجايو. پاڻ سڳوراﷺ تڏهن بہ خاموش رهيا. ان ٽيون دفعو پنهنجو سوال ورجايو. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ هڪ ڏينهن ۾ ان کي ستر دفعا معافي ڏي.

(226) عطرف بن عبدالله حضورﷺ جن کي عرض ڪيو تہ اوهان سردار آهيو، ”حضورﷺ جن فرمايو تہ سردار الله تعاليٰ آهي. هن چيو تہ اوهان بزرگي ۾ سڀ کان افضل آهيو ۽ اوهان جي طبيعت ۾ بخشش بہ اسان جي طبيعت کان زياده آهي.“ حضورﷺ جن فرمايو تہ خير ائين پلي چئو يا ان کان بہ گهٽ مگر شيطان جا وڪيل نہ بڻجو.“ اسلم رضہ بيان ڪري ٿي تہ مان ۽ حارث جي ڌيءَ ميمونہ رسولﷺ جن وٽ ويون هيون سين تہ ام ڪلثوم جو پٽ اچي ويو. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ پردو ڪريو، اسان چيوسين تہ اهو تہ انڌو آهي ۽ اسان کي ڏسي نٿو سگهي، پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ ڇا توهان بہ انڌيون آهيو ۽ هن کي ڏسي نہ ٿيون سگهيو.

(227) هڪڙي شخص حضورﷺجن کان پڇيو تہ ”جڏهن پنهنجي ماءُ ڏانهن وڃان تہ ڇا پوءِ بہ اجازت وٺان. حضورﷺ فرمايو تہ ”ها“. ان شخص چيو تہ مان ۽ منهنجي ماءُ هڪڙي ئي گهر ۾ رهندا آهيون. حضورﷺ جن فرمايو تہ پوءِ بہ اجازت گهرندا ڪريو. هن چيو تہ مان تہ ان جي خدمت ڪندو آهيان.“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ پوءِ بہ اجازت وٺندا ڪريو، ڇا تون چاهين ٿو تہ ان کي اگهاڙو ڏسين.“ هن چيو تہ ”نہ“ پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو تہ بس انهيءَ واسطي اجازت وٺندا ڪريو. ممڪن آهي جو ڪڏهن تون بي اطلاع وڃين هوءَ اگهاڙي هجي.

(228) عرف رحہ بن مالڪ پڇا ڪئي تہ هڪڙي آدمي ڏانهن منهنجو وڃڻ ٿيو مگر ان منهنجو آڌرڀاءُ نہ ڪيو، جيڪڏهن اهو مون وٽ اچي تہ مان ان جي مهمان داري ڪيان؟ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ ”ضرور ڪريو“. پاڻ سڳورن ڏٺو تہ منهنجا ڪپڙا ناقص آهن ۽ فرمايائون تہ ”ڇا تو وٽ ڪوبہ مال نہ آهي؟“ مون عرض ڪيو تہ ”هر قسم جو مال خدا تعاليٰ مون کي عطا ڪيو آهي.“ حضورﷺ جن فرمايو تہ تنهنجي رنگ ڍنگ مان مناسب حد تائين ان جو ظهور هئڻ گهرجي.

(229) حضرت ابو قتاده رضہ ۽ معلوم بن جسام ڪنهن طرف وڃي رهيا هئا، قوم اشجيع جو هڪڙو شخص عامر بن اضبط بہ پنهنجي مال متاع سان سفر ڪري رهيو هو، ان اسلامي لشڪر کي ڏسي السلام عليڪم چيو مگر مسلمان سمجهو تہ هي دشمن قبيلي جو شخص آهي ۽ پنهنجي جان بچائڻ واسطي السلام عليڪم جو فائدو وٺڻ ٿو چاهي، تنهن ڪري سيني مسلمانن ان کي جواب ۾ وعليڪم السلام چوڻ ۾ شامل ڪيو. معلوم بن حشام رضہ حملو ڪري ڪيس قتل ڪيو. جڏهن هن معاملي جي خبر حضورﷺ کي پئي تہ فرمايائون تہ ”هڪڙي شخص کي خدا تعاليٰ تي ايمان رکڻ جي حالت ۾ ڇو قتل ڪيو؟ آخر عامر جي وارثن پنجاهہ اٺ خون بها ڏياري رضامند ڪيائين. اهڙي طرح معلم قصاص کان نجات ملي.

(230) دشمن تي رحم ڪرڻ آسان نہ آهي، خاص ڪري ان وقت جڏهن بدلي وٺڻ جو موقعو هجي، پاڻ سڳورن ﷺ باوجود ان جي جو مڪي وارن جي هٿان هر طرح جون بيشمار تڪليفون ۽ ايذاءَ سنا (برداشت ڪيا) تڏهن بہ پاڻ سڳورن انهن جي بهتري ۽ ڀلائيءَ لاءِ دعا ڪئي. هڪ دفعي اصحابن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! دشمنن جي حق ۾ بددعا ڇو نٿا ڪريو؟“ حضورﷺجن فرمايو تہ مان دنيا جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ويو آهيان، تنهن ڪانسواءِ ائين بہ ممڪن آهي تہ انهن جي اولاد، اسلام جي دولت کان ڀرور ٿي سگهي، يعني انهن کي اسلام نصيب ٿئي.

(231) الله تعاليٰ پنجن چيزن سان عنايت ڪري ٿو شڪر سان مال جي زيادتي، دعا سان قبوليت استغفار سان بخشش صدقي سان مقبوليت ۽ رحم سان رحمت.

(232) جيڪڏهن اوهان جو طعام مرضيءَ موافق نہ هجي تہ ان کي برو نہ چئو.

(233) مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ مان گفتگو ۾ تقير مختصر ڪريان ان ڪري جو مختصر ڳالهہ ٻولهہ بهتر هوندي آهي.

(234) مومن (ڪامل) اهو ئي آهي جنهن جو اخلاق اعليٰ آهي.

(235) جيڪڏهن ڪوئي ڪير پيئنڊڙ ٻار پاڻ سڳورنﷺ جي هنج ۾ پيساب ڪري ويهندو هو تہ پاڻ سڳورا پنهنجي ڪپڙن کي انجي والدين جي رندنگي جي خيال ڪري انهي وقت نہ ڌوئيندا هئا، جڏهن اُهي هليا ويندا هئا تڏهن ڌوئيندا هئا.

(236) اسماءِ بنت يزيد انصاري صحابيہ حضور اقدس ﷺجي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين تہ يا رسول اللهﷺ مان، منهنجو پاءُ ۽ ماءُ اوهان قربان، مان مسلمان عورت جي طرف کان بطور قاصد جي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿي آهيان. بيشڪ الله تعاليٰ اوهان کي مرد عورت ٻنهي جي طرف نبي ڪري موڪليو آهي، انهيءَ ڪري اسان عورتن جي جماعت اوهان تي ۽ الله تعاليٰ تي ايمان آندو آهي پر اسان عورتن جي جماعت گهرن ۾ ئي قابو رهي ٿي پردن ۾ بند رهي ٿي. مردن جي گهرن ۾ جمي رهي ٿي ۽ مردن جي هر خواهش پوري ڪرڻ لاءِ تيار رهي ٿي. اسان انهن جي اولاد کي پيٽ ۾ سانديون ٿيون، انهن سيني ڳالهين جي باوجود مرد ثواب جي گهڻن ڪمن ۾ اسان کان اڳرا رهن ٿا، جمع جي نماز ۾ شريڪ ٿين ٿا، جماعت جي نماز ۾ شريڪ ٿين ٿا، بيمارن جي عيادت ڪندا رهن ٿا، انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ جهاد ڪندا رهن ٿا، جڏهن اهي حج واسطي يا عمري لاءِ يا جهاد ڪرڻ لاءِ ويندا آهن تہ اسان عورتون انهن جي مالن جي حفاظت ڪنديون آهيون، انهن جي واسطي ڪپڙا سبنديون آهيون ۽ انهن جي اولاد کي پالينديون آهيون، ڇا اسان ثواب ۾ انهن سان شريڪ نہ آهيون. حضورﷺ جن ٻڌي اصحابن رضہ جي طرف متوجهہ ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون تہ "توهان دين جي باري ۾ هن عورت کان وڌيڪ سوال ڪرڻ واري ڪائي ٻڌي.؟" اصحابن عرض ڪيو تہ "يا رسول اللهﷺ ! اسان کي تہ خيال بہ نہ هو تہ عورت بہ اهڙو سوال ڪري سگهي ٿي. "ان ڪانپوءِ حضورﷺ جن اسماءَ جي طرف متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون تہ غور سان ٻڌي ۽ سمجهہ ۽ جن عورتن توکي موڪليو آهي تن کي ٻڌاءِ تہ عورت جو پنهنجي مڙس سان سنو ورتاءُ ڪرڻ ۽ ان جي خوش ڪرڻ جا حيلا تلاش ڪرڻ ان تي عمل ڪرڻ سيني چيزن جي برابر آهي، جن کي مردن لاءِ مخص سمجهي رکيو آهي.

(237) علم جو حاصل ڪرڻ هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي.

(238) علم سان گڏ ٿورڙو عمل به توهان لاءِ فائديمند ٿيندو ليڪن جهالت سان زياده عمل به فائدو نه پهچائيندو.

(239) علم جي طلب ۾ نڪرڻ وارو دراصل الله جي رستي ۾ نڪرڻ وارو آهي.

(240) علم صرف الله جي لاءِ سکڻ الله جي خوف جي حڪم ۾ آهي.

(241) علم جي طلب ۾ ڪتي وجڻ عبادت آهي.

(242) علم جو ياد ڪرڻ تسبيح آهي.

(243) علم جي تحقيقات ۾ بحث جهاد آهي.

(244) علم جو پڙهڻ صدقو آهي.

(245) پوڙهن ۾ بدتر پوڙهو اهو آهي جيڪو ڪاري ڪيس سان نوجوانن جي مشابهت ڪندو آهي. چاڪاڻ ته ڪارو ڪيس فريب آهي ۽ فريب ڏيڻ وارو اسان مان نه آهي.

(246) علم جائز ۽ ناجائز سڃاڻڻ جي نشاني آهي.

(247) علم جنت جي رستن جو نشان آهي.

(248) علم سفر جو ساٿي آهي.

(249) علم خوش رنج جو دليل آهي.

(250) علم دشمن تي هٿيار آهي.

(251) علم دلين جي روشني آهي.

(252) علم اکين جو نور آهي.

(253) علم سان بندو امت جي بهترين ماڻهن تائين پهچي وڃي ٿو ۽ آخرت جي بلند رتبن کي حاصل ڪري ويندو آهي.

(254) علم جو ياد ڪرڻ تهجد جي برابر آهي.

(255) علم سان ئي رشتا ناهي ويندا آهن.

(256) علم سان ئي حلال ۽ حرام جي خبر پوندي آهي.

(257) علم عمل جو امام آهي، عمل ان جو تابع آهي.

(258) علم مومن جو سچو دوست آهي. حليم و بردباري ان جو وزير عقل ان جو رهنما علم ان جو قائد، نرم مزاجي ان جو پيءُ، نيڪ عمل ان جو ڀاءُ ۽ صبر ان لشڪر جو سردار آهي.

(259) جن کان علم سکو تا ۽ جن کي سيکاريو انهن جي عزت ڪريو.

(260) ظن ۽ قياس کان پهريائين حقيقي علم حاصل ڪريو.

(261) پاڻ حضرت جن هڪ دفعي حضرت عباس رضہ کان پيئڻ واسطي زم زم جو پاڻي طلب فرمايو ان عرض ڪيو تہ يا رسول اللهﷺ ! هن پاڻي ۾ گهڻن ماڻهن پنهنجا هٿ وڌا آهن ۽ لڀيو آهي. ترسو تہ مان خالص ڏول پاڻيءَ جو اوهان لاءِ ڪيان. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ ”نہ مان مسلمانن جي هٿن جي برڪت کي دوست رکان ٿو.“

(262) خبر جو ٻڌڻ ڏسڻ جهڙو نہ آهي.

(263) جنگ هڪ ڌوڪو آهي.

(264) هڪ مسلمان ٻي مسلمان لاءِ آئينو آهي.

(265) جنهن شخص کان صلاح ورتي وڃي اهو امانتدار بڻجي وڃي ٿو.

(266) حياءُ سراسر نيڪي آهي.

(267) نيڪيءَ تي رغبت ڏيارڻ وارو اهڙو ئي آهي جهڙو خود ڪرڻ وارو.

(268) پنهنجي ڪمن جي تڪميل ۾ رازداريءَ جي مدد وٺو.

(269) باهه کان بچو، خواه کارڪ جو هڪ ٽڪرو ئي خيرات ڪري.

(270) دنيا مومن لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافر لاءِ بهشت

(271) مومن جو واعدو ائين آهي جيئن هٿ ۾ پڪڙي ڇڏڻ.

(272) ڪنهن مومن کي جائز نہ آهي تہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان ٽن ڏينهن کان وڌيڪ قطع تعلق ڪري.

(273) جو شخص شين ۾ ملاوٽ ڪري اهو اسان مان نہ آهي.

(274) ٿوري چيز جا ڪفالت ڪري ان کان بهتر آهي جو گهڻي هجي، مگر غافل ڪري.

(275) چيز کي مفت ڏيئي واپس وٺڻ وارو ائين آهي جيئن پنهنجي قيءَ کي کائڻ وارو.

(276) بلا ڳالهائڻ تي مسلط آهي.

(277) آدميءَ پاڻ ۾ ائين آهن جيئن ڦڻيءَ ڏندا.

(278) دولتمندي دل جي دولتمندي آهي.

(279) نيڪ بخت اهو آهي جو ٻين کي ڏسي نصيحت وٺي.

(280) بيشڪ ڪن شعرن ۾ دانائيءَ جي ڳالھ ۽ ڪن تقريرن ۾ جادو جو اثر هوندو آهي.

(281) بادشاهن جي طرف کان معافي سلطنت جي بقا جو ذريعو هوندو آهي.

(282) آدمي ان شخص سان گڏ آهي، جنهن ان هو محبت ڪي ٿو.

(283) اهو شخص هلاڪ نہ ٿيندو جنهن پنهنجو قدر سڃاتو.

(284) ٻار صاحب عورت لاءِ آهي ۽ زانيءَ لاءِ پٿر.

(285) مٿيون هٿ هيٺين هٿ کان بهتر آهي.

(286) جو ماڻهن جو احسان نٿو مڃي اهو الله تعاليٰ جو بہ شڪر ادا نہ ٿو ڪري.

(287) ڪنهن چيز سان محبت ڪرڻ توکي انڌو ۽ ٻوڙو ڪري ڇڏي ٿي.

(288) دلين کي انهيءَ ڪري پيدا ڪيو ويو آهي جو ان سان نيڪي ڪري ان سان هيءَ محبت ڪندي آهي ۽ جوان برائي ڪري ان جي دشمن ٿي ويندي آهي.

(289) گناهہ کان توبھ ڪرڻ وارو مثل بيگناهہ جي آهي.

(290) حاضر اهو (ڪجھ) ڏسي ٿو جو غائب نہ ٿو ڏسي سگهي.

(291) جڏهن ڪنهن قوم جو بزرگ توهان وٽ اچي تہ ان جي عزت ڪريو.

(292) ڪوڙو قسم ملڪ کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي.

(293) جو شخص پنهنجي مال جي ڪري ماريو وڃي سو شهيد آهي.

(294) اعمال جو اعتبار نيت جي مطابق ٿيندو آهي.

(295) قوم جو سردار قوم جو خدمتگار ٿيندو آهي.

(296) بهترين ڪم اهو آهي جو وچٿرو ڪيو وڃي.

(297) ڇڏيو دنيا کي تہ جيئن توهان جي طرف رغبت سان اچي.

(298) قريب آهي تہ محتاجي ڪفر تائين پهچائي.

(299) سفر عذاب جو هڪ ٽڪرو آهي.

(300) مجلسون امانت سان وابستہ آهن.

(301) بهترين توشو آخرت جو پرهيزگاري آهي.

(302) علم سان اڪيلائيءَ ۾ دل وندربي آهي.

(303) علم کي ماڻهن تائين پهچائڻ خدا جي قرب جو ذريعو آهي.

(304) علم جو طالب خدا جي رحمت کي ڳوليندڙ آهي.

(305) علم جي لاءِ جدوجهد اڳين گناهن جي تلافي آهي.

(306) ديني مسئلن جو طالب شيطان جي مٿان هزار عابدن کان ڳورو آهي.

(307) اي انسانو علم حاصل ڪيو، ان کان اڳ جو اُهو کنيو وڃي.

(308) جنهن علم طلب ڪندي وفات ڪئي ان کي شهيد جو موت نصيب ٿيو.

(309) عالم جي فضيلت جاهل عابد تي اهڙي آهي جهڙي چنڊ کي ستارن تي.

(310) جيڪو شخص منهنجي مجلس ۾ حاضر آهي ان کي گهرجي تہ اهو ان تائين دين جو علم پهچائي جيڪو هتي موجود نہ آهي.

(311) جنهن شخص کان علم جي ڪائي اهڙي ڳالهه پڇي وڃي جنهن کي هو ڄاڻي تو هو ان کي لڪائي تو تہ قيامت جي ڏينهن ان جي وات ۾ باهہ جو لغام ڏنو ويندو.

(312) نماز، عورت ۽ خوشبوءِ مون پسند آهن، توهان مان سٺو اهو آهي جيڪو پنهنجي عورتن سان سٺو سلوڪ ڪري.

(313) عورتن جي معاملي ۾ خدا کان ڊڄو، توهان جو عورتن تي، عورتن جو توهان تي حق آهي.

(314) جيڪڏهن ڪا عورت مري وڃي تہ ان حالت ۾ جو ان جو مڙس ان کان راضي آحي، اها جنت ۾ داخل ٿي وئي.

(315) مرد بغير عورت جي مسڪين آهي ۽ عورت بغير مرد جي مسڪين آحي، خواه هو مالدار ئي آهي.

(316) عورتن ۾ سڀ کان سٺي عورت اها آهي جنهن کي ان جو مڙس ڏسي تہ خوش ٿي وڃي.

(317) مردن جي غيرموجودگي ۾ انهن گهرن ۾ نہ وڃو، ڇاڪاڻ تہ شيطان توهان مان ڪنهن جي اندر رت وانگر ڦري رهيو آهي.

(318) عورتن سان شادي چئن بنيادن تي ڪئي وڃي، دولت، خانداني، شرافت، حسن ۽ ان جو دين، توهان دين جي بنياد تي ڪندا ڪريو، توهان جو سٺو ٿيندو.

(319) جڏهن ڪنهن عورت تي اوچتو نظر پئجي وڃي تہ پنهنجي نظر ڦيري ڇڏيو.

(320) رسولﷺ ان امرد تي لعنت ڪئي آهي، جيڪو عورتن جو لباس پائيندو آهي ۽ ان عورت تي جيڪا مردن جو لباس پائيندي آهي.

(321) توهان کان پهريائين قومن پنهنجي پيغمبرن ۽ بزرگن جي قبرن کي عبادتگاهہ بڻايو، ڏسو توهان اهڙو نہ ڪجو مان توهان کي منع ڪريان ٿو.

(322) جيڪو ڪنهن قوم سان مشابهت پيدا ڪندو اهو ان مان آهي.

(323) حاڪم عادل جي تعظيم ڪرڻ خدا جي تعظيم ۾ داخل آهي.

(324) بادشاهه جو هڪ گهڙيءَ جو عدل سٺ سال جي عبادت کان وڌيڪ آهي، ان ڪري جو عبادت جو فائدو صرف عابد کي پهچندو آهي ۽ عدل جو فائدو خاص ۽ عام سڀني کي ملندو آهي.

(325) توهان کان پهريائين قومون ان ڪري تباهه ٿي ويون ته جڏهن معزز ماڻهو جرم ڪندو هو ته ان کي ڇڏي ڏنو ويندو هو ۽ جڏهن معمولي ڳالهه جرم ڪندو هو ته سزا ڪاٽيندو هو.

(326) بيشڪ دنيا توهان لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي ۽ توهان آخرت جي لاءِ.

(327) دنيا مومن لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافر لاءِ بهشت.

(328) قيامت جي ڏينهن بدترين حال ۾ اهو شخص هوندو جنهن ٻين جي دنيا ناهڻ خاطر پنهنجي آخرت برباد ڪئي.

(329) خدا تعاليٰ قيامت جي ڏينهن فرمائيندو، اهي ماڻهو ڪٿي آهن، جيڪي منهنجي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪندا هئا، اڄ مان انهن کي پنهنجي سائي ۾ جڳهه ڏيندس ۽ اڄ منهنجي سائي کان سواءِ ٻيو ڪوئي سايو ناهي.

(330) انسان جي سمجهداري هيءَ آهي ته هو ڪفايت شعار ٿئي.

(331) سڀ انسان آدم ع جي اولاد آهن ۽ الله تعاليٰ آدم ع کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو هو.

(332) عالم ۽ عابد جي وچ ۾ ستر درجن جو فرق آهي.

(333) هلاڪت آهي جاهل لاءِ ۽ ان عالم لاءِ جيڪو عمل نه ٿو ڪري.

(334) جنهن عالمن جي توهين ڪئي اهو دين کان محروم رهيو.

(335) سخي گنهگار الله وٽ بخيل عابد کان سٺو آهي.

(336) مؤمن پاڻ تي، پنهنجي زال تي، پنهنجي ٻارن تي ۽ پنهنجي نوڪرن تي جيڪو خرچ ڪندو آهي، اهو سڀ صدقو ۽ عبادت آهي، جنهن تي ان کي اجر ملندو.

(337) سڀ کان بهترين ماڻهو مؤمن آهي، جيڪو الله جي رستي ۾ پنهنجي جان ۽ مال سان گڏ جهاد ڪري.

(338) مؤمن کي ايذاءُ پهچائڻ خدا وٽ ڪعبہ ۽ بيت المعمور ڪيرائڻ کان پندرهن دفعا وڏيڪ آهي.

(339) مؤمن جي زبان دل کان پٺيان رهندي آهي (يعني جڏهن ڳالهائڻ چاهيندو آهي تہ دل ۾ سوچيندو آهي، تڏهن زبان کان نڪرندو آهي.

(340) مؤمن ڪامل اهو شخص آهي، جنهن جو اخلاق سٺو آهي.

(341) مؤمن پنهنجي خوش خلقيءَ سان،رات جو عبادت ڪندڙ ۽ ڏينهن جو روزا رکندڙ شخص جو درجو حاصل ڪندو آهي.

(342) اسلام هي آهي تہ تنهنجي دل الله جي پوري طرح فرمانبردار بڻجي وڃي ۽ هي تہ مسلمان تنهنجي زبان ۽ تنهنجي هٿن کان محفوظ رهي.

(343) دولتمند تي حسد نہ ڪريو، دولت جون لذتون فاني ۽ عارضي آهن.

(344) مظلوم جي آهہ ۽ پڪار کان بچو، ان ڪري جو هو الله کان پنهنجو حق گهرندو آهي ۽ الله ڪنهن صاحب حق کي ان جي حق کان محروم نہ ڪندو آهي.

(345) مظلوم جي بد دعا کان ڊڄو، چاڪاڻ تہ ان جي ۽ خدا تعاليٰ جي وچ ۾ ڪوئي پردو ناهي.

(346) الله ان مسلمان سان محبت ڪندو آهي، جيڪو محنت ڪري رزق ڪمائيندو آهي.

(347) جيتري روزي الله توهان لاءِ مقرر فرمائي آهي ان تي راضي ۽ مطمئن رهو ته توهان سڀني کان وڏيڪ شاهوڪار ماڻهو بڻجي ويندؤ.

(348) جڏهن ٽي شخص سفر تي وڃن ته هڪ کي پنهنجو امير بڻائين.

(349) سادگي ايمان جي نشاني آهي.

(350) خاموشي تمام وڏي حڪمت عملي آهي.

(351) انبياءَ عليهم السلام پنهنجي ورثي ۾ روپيا، پئا نه ڇڏيندا آهن، انهن جو ورثو ته هي علم هوندو آهي، جنهن علم حاصل ڪيو، اهو تمام وڏي حصي جو مالڪ بڻجي ويو.

(352) دنيا حلال به عذاب آهي پر هي حرام جي مقبالي ۾ به هلڪڙي آهي.

(353) سيني ڪمن ۾ افضل ڪم جي طلب آهي، علم جي بزرگي عبادت جي بزرگي کان وڏيڪ آهي. علم حاصل ڪرڻ لاءِ اڱرائي ڪيو. جهوليءَ کان وني قبر ائين علم حاصل ڪيو، جنهن علم حاصل ڪيو، ان کي جنت جا باغ ملندا، جتي هو سير و تفريح ڪندو.

(354) انسان جي لاءِ هي علم ڪافي آهي ته خدا کان ڊڄي ۽ ان جي لاءِ هي ناداني ڪافي آهي ته پنهنجو پاڻ فخر ڪري.

(355) علم ٻن نمونن جو هوندو آهي هڪ علم ته اهو آهي جيڪو زبان کان لنگهي دل ۾ جاءِ وڃي ٿو. هي علم قيامت ۾ ڪم ايندو ۽ هڪ علم اهو آهي جيڪو صرف زبان تي رهندو آهي، دل تائين نه پهچندو آهي. هيءَ علم الله جل شانه جي دربار ۾ انسان جي خلاف حجت ۽ دليل بڻبو.

(356) علم عمل کي سڏيندو آهي جيڪڏهن هو جواب ڏيو ته بيهجي ويندو آهي نه ته روانو ٿي ويندو آهي.

(357) چا مان توهان کي اهڙي خزاني جو اطلاع نہ ڏيان جيڪو سيني کان سٺو آهي
ﭘڊو تہ اها نيڪ عورت آهي.

(358) دنيا زندگي جو سامان آهي ۽ ان جو بهترين سامان نيڪ عورت آهي.

(359) عورت جي عزت شريف طبيعت وارا ئي ڪندا آهن ۽ ان جي بيعزتي ڪمينن
ماڻهن ڪانسواءِ ڪوئي نہ ڪندو آهي.

(360) الله جي لعنت آهي، انهن عورتن تي جيڪي پوشاڪ پائي ڪري بہ اگهاڙيون
جو اگهاڙيون هجن.

(361) رسول الله ﷺ فرمايو ”جن عورتن سان ملو انهن کي هيءَ ڳالهہ ٻڌايو تہ مڙسن
جي تابعداري ڪرڻ ۽ انهن جي حق کي ڄاڻڻ جهاد جي برابر درجو رکي ٿو
ليڪن توهان مان تمام ٿوريون عورتون ائين ڪن ٿيون.

(362) جيڪڏهن مرڻ تائين توهان حاڪم يا منشي يا ڪاردار تہ ٿيئو تہ سمجهو تہ مزي
۾ رهيئو ۽ پڪڙ کان ويئو.

(363) جڏهن ڪوئي حاڪم جاچ جوچ ۽ تحقيقات ڪري صحيح ۽ ڳالهہ تان پهچي
وڃي تہ ان کي ٻہ اجر ملندا ۽ جيڪڏهن جاچ جوچ ڪري ۽ غلطي ۾ پئجي وڃي
تہ ان جي لاءِ جاچ جوچ جو هڪ اجر ملندو.

(364) جنهن بہ امير جي سامهون ان جي اميري جي ڪري عاجزي ڪئي جيڪڏهن هو
ظالم نہ آهي تہ بہ ان جي دين جو هڪ حصو ضايع ٿي وڃي ٿو.

(365) اميري ۽ حڪومت جي تمنا نہ ڪر، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن گهرڻ سان توکي
حڪومت ملي تہ الله توکي ان حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن
بنا گهرڻ جي ملي تہ الله جي طرف کان تنهنجي مدد ڪئي ويندي.

(366) فرمايائون تہ توهان جا بهترين حڪمران اهي آهن، جن سان توهان محبت ڪريو
۽ هو تواهن سان محبت ڪن، جن جي لاءِ توهان دعا ڪريو ۽ هو توهان جي لاءِ

دعا ڪن ۽ تمام بڇڙا اهي آهن جن سان توهان حسد رکو ۽ هو توهان سان حسد رکن، توهان انهن تي لعنت ڪريو ۽ هو توهان تي لعنت ڪن.

(367) فرمايائون ته اهو شخص مسلمانن جي اڳواٽي جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ۽ ان حالت ۾ مري وڃي جو هو خيانت ڪندڙ ۽ ظالم هجي، الله ان تي جنت حرام ڪري ڇڏيندو.

(368) دنيا ۾ ڪائي شيءِ تو وٽ نه هجي پر هي چار شيون هجن ته توکي نقصان ناهي. (1) ڳالهه ۾ سچائي (2) امانت جي حفاظت (3) سهڻو اخلاق (4) حلال کاڌو.

(369) دنيا ان جو گهر آهي، جنهن جو ڪوئي گهر ناهي. ان جو مال آهي، جنهن جو ڪوئي مال ناهي. ان ڪي اهو جمع ڪري جنهن کي عقل ناهي، ان جي پٺيان اهو پوي جنهن کي ڪوئي علم ناهي، ان تي اهو ريس ڪري جنهن کي ڪائي دانائي ناهي، ان جي پٺيان اهو پڇي جنهن کي آخرت جو ڪوئي يقين ناهي.

(370) جلدي منهنجي امت تي اهڙو زمانو اچڻ وارو آهي، جڏهن ته اهي: (1) آخرت کي وساري ڇڏيندا، دنيا کي ياد رکندا. (2) زندگي پياري لڳندي. موت کان نفرت ٿيندي. (3) محل گهريا ويندا، قبرون بيڪار هونديون.(4) مال تي نگاهه هوندي اولاد جي خبر نه هوندي. (5) مخلوق پياري لڳندي خالق جو يادگيرو نه رهندو.

(371) ان شخص تي به مون کي تعجب ٿئي ٿو ته جيڪو تقدير (خدا جي فيصلي) تي به يقين رکي ٿو ۽ دنيا کي حاصل ڪرڻ ۾ پريشان ٿئي ٿو.

(372) الله جو قسم دنيا آخرت جي مقابلي ۾ اهڙي آهي جيئن توهان مان ڪوئي شخص سمنڊ ۾ آڱر وجهي ۽ ان کان بعد هي ڏسي ته ان مان ڪيترو پاڻي ڪڍي واپس ٿئي ٿو.

(373) مون کي ان شخص تي تعجب ٿئي ٿو جيڪو دنيا ۾ ان جي ڦيرن گهيرن کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ به ان کي پنهنجو مقصد بڻائي ٿو.

(374) آخرت جي ڪاميابي دنيا جي ڪاميابي تي ترجيح ڏيو. دنيا کي آخرت تي ترجيح نه ڏيو نه ته توهان کي جزب ڪري ڇڏيندي.

(375) جنهن خدا خاطر محبت ڪئي ۽ دوستي ڪئي ته صرف خدا ڪنهن کي ڪجهه ڏنو ته خدا خاطر ۽ ڪنهن کان ڪجهه روڪيائين ته خدا خاطر ان پنهنجي ايمان کي پايه تڪميل تائين پهچايو.

(376) فرمايائون: بڇڙا عالم منهنجي امت لاءِ تباهي آهن.

(377) برن دوستن کان بچو، چاڪاڻ ته اهي توهان جي سجاڳپ بڻجي پوندا آهن.

(378) دوست سان محبت وچترائيءَ واري رکو، چاڪاڻ ته ممڪن آهي، ڪڏهن توهان جي ناسازي ٿي پوي. اهڙي طرح دشمنن سان دشمني حد کان وڌيڪ نه ڪيو، چاڪاڻ ته ممڪن آهي، ڪڏهن توهان جي محبت ٿي پوي.

(379) هڪ شخص سوال ڪيو، گناهه ڇا آهي؟ فرمايائون ته جيڪو دل ۾ ڪٽڪو پيدا ڪري.

(380) مؤمن سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو پر ڪوڙو ۽ خيانت ڪندڙ نه ٿو ٿي سگهي.

(381) مؤمن جو مثال اهڙو آهي جيئن ماکيءَ جي مک جو ان جي خوراڪ به عمدي ۽ اخراج به عمده.

(382) نيڪ صحبتيءَ جو مثال مشڪ وڪڻڻ واري جهڙي آهي. جيڪڏهن تون ان وٽ ويندين ته هو توکي ٿورڙو مشڪ تحفي ۾ ڏيندو يا تون ان کان پاڻ وٺندين. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته هن جي پرسان ويهڻ جي تنهنجو دماغ خوشبودار رهندو.

(383) مؤمن جي فراست کان بچندا رهو، ڇو ته هو الله جي نور سان ڏسندو آهي.

(384) اهو شخص مڪمل مومن نه ٿو ٿي سگهي جيڪو پاڻ پيٽ ڀري ڪائي پر ان جو پاڙيسري بکيو رهي.

(385) توهان مان ڪوئي شخص (گهربل درجي جو) مومن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان جي نظر ۾ ان جي پيءُ، ان جي پٽ ۽ سيني انسانن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿيان.

(386) ڀڄو! ظلم نہ ڪيو! ڪنهن ماڻهو جو مال ان وقت تائين توهان لاءِ حلال ناهي، جيستائين مال جو مالڪ توهان ..................!؟

The End-